# شاه جون سورميون

پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي

مڪتبه اسحاقيه

جهونا مارڪيٽ، ڪراچي — فون: ٢٣٠٢٠٠

# شاهہ جون سورميون

پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي

ناشر
مڪتبہ اسحاقيہ
جهونا مارڪيٽ، ڪراچي
فون: 230200

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# شاهه جو رسالو

## ڪلياڻ اڏواڻي ايم اي

هن رسالي ۾ هر سُر اڳيان اُن جو مختصر احوال آهي. جنهن ۾ اُن جو مکيه خيال ظاهري توڙي باطني درج ٿيل آهي. هر بيت جي سامهون اُن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. رسالي جي شروع ۾ شاهه صاحب جي زندگي ۽ شعر تي مختصر روشني وڌي ويئي آهي.

سفيد ڪاغذ، آفسٽ ڇپائي ۽ عمده جلد بندي. قيمت =/60 روپيا

# رُوح رهاڻ

## مُصنّف، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

هن ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالي مان هيٺين سُرن کي ڊارڪري — ليلا ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي، نوري ۽ ڄام تماچي، سهڻي ۽ ميهار، سسئي ۽ پنهون، مورڙو مير بحر، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، ڪربلا جو قضيو — هن ڪتاب ۾ جمع ڪيو آهي.

هن قصن کي خالي آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون ڪري نه سمجهڻ گهرجي. منجهن وڏيون تمثيلون رکيل آهن، جن ۾ الاهي اسرار رکيل آهن.

قيمت: ڏهه رُپيا

# شاهه جون سورميون

سنڌي ادبي تنقيد ۾ جي ڪنهن نئون موڙ آندو ته اهو هو ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، جنهن صاحب نه فقط شاهه جو ڪلام نئين ڍنگ سان ترتيب هيٺ آندو بلڪ شاهه تي تنقيدي مهاڳ ”مقدمه لطيفي“ لکي سنڌي ادبي تنقيد جو درجو ۽ معيار اوچو ڪيو.

ان بعد جنهن صاحب شاهه جي سورمين تي ان ئي تنقيدي نظر ئي سان لکيو اهو هو ”پروفيسر نارائڻداس ڀمڀاڻي“ سال ۱۹۴۴ع ۾ هن صاحب ”شاهه جون سورميون“ نالي ڪتاب لکي ظاهر ڪيو. جو ادبي تنقيد ۾ هڪ اضافو هو.

پروفيسر ڀمڀاڻي ۽ سنڌ جي ڊي-جي سنڌ ڪاليج ۾ انگريزيءَ جو پروفيسر هو. هن انگريزي ادب ۾ ٽينڊر تنقيد اڀياس ڪئي هئي. هن صاحب ان ئي ڍنگ تي شاهه جي سورمين جي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. ڪتاب جو ملهه اڄ به چاليهن سالن بعد اهو بلڪ ان ڪان به وڌيڪ آهي.

”مڪتبه اسحاقيه“ جو اهو به هڪ مقصد آهي ته سنڌي ۾ ڇپيل اڻ لڀ ڪتاب وري ڇپائي سنڌي جي اڀياسين اڳيان رکيا وڃن ۽ هي ڪتاب اهو مقصد بر توڙ ٿو ڪري.

قيمت : 7/50

# نئين املهه ماڻڪ

○ شاهه جو رسالو
○ رسالو سچل سرمست
○ ساميءَ جا سلوڪ

سنڌ جي لاثاني درويش شاعرن جا لافاني ڪتاب
پهريون ڀيرو هڪ هنڌ گڏ
ٽي مڪمل ڪتاب هڪ ئي سهڻيءَ پيٽيءَ ۾

عالمن، اديبن ۽ ادب دوست صاحبن لاءِ
بي مثل تحفو. شخصي توڙي عام لئبريرين
جو دائمي سينگار
محدود تعداد ۾ موجود. ٽن نمونن ۾
اعلیٰ نمونو: -/٢٥٠ رپيا ——— معياري نمونو: -/١٥٠
شاگردن جي ڏانءُ جو: -/١٠٠ رپيا

ملڻ جو هنڌ: مڪتبه اسحاقيه جهونا مارڪيٽ ڪراچي
برانچ: اردو بازار ڪراچي

اسحاقیہ پرنٹنگ پریس

## مصنف جي قلم مان

جئن نظم، ناٽڪ، ناول، مضمون ۽ ٻيا ادبي اظهار جا طريقا لکندڙ جي شخصيت جو ذڪر آهن، تئن تنقيد پڻ تنقيد ڪندڙ جي نقطہ نگاهہ جو بيان آهي. نڪتہ چين بہ، ٻين ادبي هنرمندن جيان، هڪ هنرمند آهي. هن ننڍي ڪتاب ۾ مون شاهہ عبداللطيف جي ستن سورمين جون پنهنجي نقطي نظر کان، سيرتون چٽيون آهن ۽ هنن جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪئي اٿم. ڪتاب ۾ درج ٿيل رايا ۽ خيال شخصي آهن، ۽ جئن شاهہ جي سورمين کي سمجهيو اٿم، تئن ئي سندن سيرتن جو نقش ڪڍيو اٿم.

هڪ مکيہ ادبي اصول جنهن جي هرڪنهن نڪتہ چين کي پوئواري ڪرڻي پوي ٿي، سو اهو آهي تہ ڪيس مصنف جي پٺ وٺڻي آهي. جنهن دڳہ تان ادبي هنرمند هليو، ان اتان ئي، نڪتہ چين کي، هنجو پيرو کڻي، پندڌ ڪرڻو آهي. ان اصول کي خيال ۾ ڌري، مون صرف شاهہ جي رسالي جي آڌار تي ئي سورمين کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. نڪتہ چين کي ادبي هنرمند جو شارح ٿيڻو آهي. جيڪي لکندڙ چيو آهي، سو صاف ٻوليءَ ۾ تنقيد ڪندڙ عام ماڻهن کي ٻڌائي ٿو، ليڪن ان کي وڌائي يا گهٽائي نٿو سگهي.

# سلسلو


صفحو

١- ديباچو ... ... ٩

٢- سهڻي ۽ سسئي ... ... ٣٣

٣- ليلا ۽ مومل ... ... ٥٩

٤- نوري ... ... ٨٣

٥- مارئي ... ... ٩١

٦- سورٺ ... ... ١٠٥

# ديباچو

شاهه عبداللطيف، سنڌ جي ادبي تاج جو لاثاني گوهر، سرزمين جو شاعر آهي. هن جو روايتي شعر، جو سندس نظم جو گهڻو حصو والاري ٿو، ڏيکاري ٿو ته شاهه کي عورت جي اُمنگن لاءِ عزت هئي. هن پنهنجي تيزفهم، ذڪي نگاهه ۽ انساني سڀاءَ جي ڳُوڙهيءَ ڄاڻ مان پروڙيو ته عورت جيڪي دلي دليريءَ جا اعليٰ اعمال ڪري سگهي ٿي، سي مرد جي پهچ کان ٻاهر آهن؛ جو خود انڪاريءَ جو انگ هن ۾ آهي، سو مرد ۾ هرگز نظر نه ايندو. هنجي قرباني بي نظير ۽ سهن شڪتي عبرتناڪ آهي. جيتوڻيڪ هوءَ جسم جي ضعيف نظر اچي ٿي، ته به ارادي جي پڪي آهي ۽ قول تي قائم رهي ٿي. هنجي زندگيءَ جي مراد ڏيڻ آهي، نه وٺڻ. شاهه صاحب جئن ڏٺو، تئن ئي شعر ۾ ڏيکاريو، ته عورت جو پريم عزت جي سموري هستي آهي. محبت جي ميدان ۾ عورت هڪواريءَ قدم کنيو، ته وري پٺتي نه هٽندي. دنيا جي اڪيچار آزمودن مان هن شاعر پرايو ته عورت جي دلي اٿاهه ساگر ۾ جي اُمنگ اُڇلون ماريندا رهن ٿا، تن جو ذڪر شعر لاءِ جيڪر اوچو مضمون ٿئي. جنهن دنيا جو شاهه صاحب پنهنجين نظمي

ڪهاڻين ۾ ذڪر ڪري ٿو، اُن تي مرد ڪسان وڌيڪ عورت غالب پيل آهي. هڪ ڳالهه جنهن لاءِ به رايا ٿي نٿا سگهن، سا هيءَ آهي ته سڀني ڪهاڻين جا مکيه اداڪار گهڻو ڪري عورتون آهن ۽ نه مرد. سواءِ امام حسين ۽ راءِ ڏياچ جي هن ٻيو ڪو به اهڙو اداڪار پيدا نه ڪيو آهي، جو سورمي سڏجڻ جو لائق هجي؛ ۽ سڀني ڪهاڻين جي رتا جي واڌ جو مدار سندين سورمين تي رکيو ويو آهي.

نظم ۾ شاهه جون ڪهاڻيون جملي نَوَ آهن. اُنهن مان ٻن ۾، "سر گهاتو" (جنهن ۾ موروڙي ميربحر جي ڳالهه ڏنل آهي) ۽ "سر ڪيڏارو" (جنهن ۾ امام حسين جي شهادت جو ڪجهه ذڪر آهي) عورت اداڪار بلڪل ڪونهي. جنهن به شاهه جي شعر جو اڀياس ڪيو آهي، تنهنکي معلوم هوندو ته جن ڪهاڻين ۾ سورميون آهن، تن جا سرا يا نائڪائن جي نالن سان آهن، جهڙوڪ "سر مارئي"، "سر سهڻي"، "سر سورٺ"، يا جتي سورميءَ ۽ سورمي ٻنهي جا نالا سري ۾ اچن ٿا، تتي پهرين سورميءَ جو نالو اچي ٿو، جهڙوڪ "سر ليلا چنيسر"، "سر مومل راڻو". اها هڪ عجيب حقيقت آهي ته جيتوڻيڪ راءِ ڏياچ واري قصي ۾ مکيه اداڪار پيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن، ته به سندس سرو آهي "سر سورٺ"؛ سسئيءَ ۽ ٻنهونءَ جي ڪهاڻي جا ڪيترن ئي سرن ۾ اچي ٿي،

تنهنجي ڀرڻين سر کي ”سر سسئيءَ آبري“ سڏيو اٿس. سسئيءَ لفظ جو ائين هجڻ با مطلب آهي ۽ ٻيو ٻين سرن، معذوري، ڪوهياري يا حسيني جي معنيٰ ڏسبي ته انهن جو تعلق سسئيءَ سان آهي ۽ نه پنهونءَ سان. شاهه جهڙي اعليٰ درجي واري شاعر جي لکڻيءَ ۾ اهو اتفاقي نتيجو ٿي نه ٿو سگهي. هن ڄاڻي ٻجهي اِن نموني جا سرا ڏنا آهن. سواءِ راءِ ڏياچ ۽ امام حسين جي ٻيا مرد اداڪار پنهنجي سر کي نه ڪيڏهن ۽ سندن هستي عورت اداڪارن جي هستيءَ تي مدار رکي ٿي. سهڻيءَ جي ٻيٽ ۾ ميهار ڪهڙو نه لڄ ڀريو لڳي؟ سسئيءَ جي قربانيءَ ڏانهن نهاريو ته پنهونءَ ۾ اڪ به ڪانه ٻڌندي. نوريءَ ۽ ڄام تماچيءَ جي وچ ۾ ته شاهه پاڻ ٿي ٻيٽ ڪندي ڇوي ٿو ته جڏهن تماچيءَ نوريءَ کي نوازيو، تڏهن ٿي پاڻ ۽ اهڙو ناميارو ٿيو. ڪيترا حاڪم ٿي گذريا آهن، جنجو شان شوڪت ۽ دٻدٻو ڄام تماچيءَ کان به زياده هو، مگر انهن جو اڄ نالو نشان به ڪونهي. ڄام تماچيءَ کي نوريءَ امر ڪيو:

نوري جي نوازيو، ٿيو تماچي تي،
گاڏي چاڙهي گندري، ماڙهو ڪئو مَي،
ڪدجهر چندا ڪي، ته سڄ سياڻي ڳالڙي.

مومل ۽ ليلا جي، نوريءَ، سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جهڙن
بي عيب نه آهن ۽ خطا ڪري ٿا ٻڇن ٿيون، تن جون

سورمين ٻڌاڻي خواه چنيسر کان وڌيڪ ڪشش ڪندڙ آهن. ليلا چنيسر کي اَمر ڪيو، نه چنيسر ليلا کي. شاهه کي مومل جي منٿن موهيو، نه راڻي جي گهيرائي ۽ سياڻپ.

شاهه جون سورميون سنڌس دل جون ترجمان آهن، جن جي واتان هو ڪن صوفياڻي خيالن ۽ ويدانتي مت جو اظهار ڪري ٿو. جيڪي شاعر کي وڻي ٿو، سو ڪائن ڪرائي ٿو. قصه نويسيءَ جي فن موجب اداڪارن جي سيرت نگاريءَ وقت مصنف کي پنهنجو پاڻ وسارڻو آهي؛ پر شاهه پهرين شاعر هو ۽ پوءِ افسانه نويس. هن پنهنجي شخصيت پنهنجين سورمين ۾ پلٽي آهي. شاهه جو شعر سندس زندگيءَ مان اُپريو ٿو ۽ شاهه جون سورميون سندس جدا جدا روپ آهن. شاهه شاعر هو ۽ عاشق هو، صوفي ۽ فيلسوف هو، ۽ سندس سڀاءَ جون اهي چار ئي خاصيتون سندس سورمين ۾ نظر اينديون. پاڻ کي ويهي منجهن اوليو اٿس. کهاڻيءَ ۾ ڪٿي هن پاڻ ٿو ڳالهائي، ته ڪڏهن سندس سورميون.

شاهه جو قصي شعر معنيٰ سندس سورميون. انهن برابر آهي ته پهرين ميهار سهڻيءَ جي قرب ۾ قابو ٿيو ۽ اميري ترڪ ڪري فقيري قبوليائين، ۽ پنهون سسئيءَ جي سونهن جي هاڪ ٻڌي، پنهنجو وطن ڇڏي، پرديس ۾ پرين جي پياس مٿان آيو:

سرهي منجها ساٿ، آئي پوءِ پنهور کي،
بينا بازارن ۾، لائي جت جباٽ،

۽ ٻه سهڻي ميهار ۽ سسئي پنهونءَ جون آکاڻيون جيڪي شاهه ڳائي ڇڏيون تن جو گهڻو حصو سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي باري ۾ آهي. "سر سهڻي" جو مضمون - درياهه جو تيز وهڪرو ۽ لهرن جو ڏهڪائيندڙ آواز، درياهه جي دهشت ۽ دم، ڦهري ڪنن جا دل ڏاريندڙ ڏڌڪا، نهر جا بيحد ٻاڏو ۽ هزارين هيبتناڪ مڇ جي دائما شڪار لاءِ واجهائيندا رهن ٿا، ڪاري رات، جڏهن سهڻي ساهڙ کي ماڻڻ لاءِ ڪچو گهڙو کڻي درياهه ۾ گهڙي ٿي، سهڻيءَ جا ميهار کي دلسوز سڏ، سهڻيءَ جي سرتين سان ساهڙ جي سونهن جي ساراهه - سڌيءَ طرح سهڻيءَ سان ٿي لاڳاپو رکي ٿو. فقط هڪ هنڌ ميهار جو ذڪر اچي ٿو، جڏهن سهڻيءَ جي سڏن جو آواز "ساهڙ جام! ستار! سگهو رسج سير ۾"، ميهار جي ڪنن تائين پهچي ٿو، تڏهن ٿو شاعر چوي:

اِيو تڙ ميهار، ملاحن سڏ ڪري،
آئون پڻ وڃان هتڙا، اَئين پڻ وڃو چار،
گهوريون ڪرنيار، مان مڙنهون سهرين.

ميهار ملاحن کي جيڪي سڏ ڪري ٿو، تن جو ذڪر شاهه چئن پنجن بيتن ۾ ڪيو آهي. سر آبري، معذوري، ديسي، ڪوهياري ۽ حسيني، جن ۾ سسئي پنهونءَ، جي آکاڻي ڇيل آهي، صرف سورميءَ جي دل گهائيندڙ

دانهن سان پر آهن ۽ مڇهن سسئيءَ جي دکيءَ دل جو
نقش نڪتل آهي. سسئي گم ٿيل پنهل جي تلاش ۾
انتظار ۽ صبر سان جهنگ جبل ۽ ٻرپٽ رلي ٿي، مگر
پنهون ڇا ٿو ڪري؟ شاهه صاحب اُن لاءِ ڪجهه به نٿو
چوي. صرف هڪڙي هنڌ پنهونءَ جي ڪپڙن ڌوئڻ
جو ذڪر ڪري ٿو:

ڳڏيو ڌوبين ڌوءِ، پنهونءَ پارچو هٿ ۾،
الي آريءَ ڄام جو، قاصد آيس ڪوءِ،
اِيءَ ڪاڻ! ڪِرُ نه سنڌوءِ، جن پُهس ٻچاڙيين پوليين.

ساڳيءَ طرح "سُر ليلا چنيسر" ۾ ليلا چنيسر کي
آزيون نيزاريون ڪري خطا بخشرائي ٿي. چنيسر ڪجهه به نه
ٿو ڳالهائي ۽ هڪ ڀيرو به دفعا ليلا جي واتان اسين چنيسر
بابت ٻڌون ٿا. "سر مارئي" ۾ بند پياني مان مارئيءَ
جي دلي جذبن جو، جي ڪانڌ جي قرب ۽ حب الوطني
سان ڀريل آهن، ذڪر ٿيل آهي. سر جي منڍ کان وٺي
پڇاڙيءَ تائين، هرهڪ بيت ۽ وائيءَ ۾ مارئي نظر
ايندي. "سر ڪامود" پڻ نوريءَ جي نور ۽ ڳڻن سان ڀريو
آهي. شاهه صاحب ڄام تماچيءَ جهڙي حاڪم جي ذڪر
ڪرڻ بجاءِ سندس مهائيءَ معشوق جو احوال ڏيڻ پسند
ڪيو. "سر سورٺ" ۾ آهي جنهن جو مضمون سورٺ
بابت ايترو نٿو ٻڌائي، جيترو بيجل ۽ راءِ ڏياچ لاءِ.

هڪ ڳالهه جا ڌيان ۾ آڻڻ جوڳي آهي سا هيءَ آهي ته آکاڻيءَ جي رٿا ۾ شاعر پاڻ پڻ ڳالهائي ٿو. پر ڪنهن سان؟ پنهنجين سورمين سان. شاه سورمين کي هر وقت هدايت ڪندو رهي ٿو. سهڻيءَ کي صلاح ڏئي ٿو:

مرج وٽ مهار، متان موٽين سوهڻي!
ساهڙ جا سنگار، متان ڏم ڏيکاريين.

ليلا جڏهن هار لئي هرکي چنيسر وڃايو ۽ چنيسر ڪيس پنهنجيءَ دل مان لاٿي ڪڍيو، تڏهن شاعر ٿو ليلا کي چوي:

ليلا! حيلا ڇڏ، جي تون سوڍي! سڪيين،
پائي پاند ڳچيءَ ۾، پاڻ غريبي ڳڏ،
هڏ نه ڇنديءَ لڏ، جي ڪارڻ آئين ڪاند کي.

نصيحت برابر ڏئيس ٿو، پر ڇينڀيس پڻ ٿو:

مٺئي لئي موهجي، مڙهي! ڪيءَ مرڪ،
ڇڏي چنيسر جام سين، وڌو تو فرق،
وري ويو ورق، آيءَ ڏنءَ ڏهاڳ جو.

مومل جڏهن راڻي جي ڀرپٽ ڄڙلو راڻو ناهي دل پريائي ۽ راڻي جو راضپو وڃايائين، تڏهن شاعر ڇينڀ ڪندي چويس ٿو:

راڻو پانهنجو راند، وڃڻ ڪنءَ وڙاليين؟
ور وڏاڻو ايهين، جن پر پختوءَ پاند،
هي! پڳيءَ هيڪاند، سوڍو سارندينءَ گهڻو.

مارئيءَ کي دلاسو ڏيڻ سان گڏ حسد ڪري چڙي اٿس:

ڪين روءِ، م رڙ ڪين، م ڪين ڪر دانهون،
سٽي ارڪ لطيف چي، ٻيئي ڪٺج ٻاهون،
لڏيءَ جت لاڏون، سو ڏيهه پسندينءَ، مارئي!

سسئيءَ کي ته اڳواٽ آگاهه ٿو ڪري ته خبردار رهج! ٻنڀورءَ جا ٻاٿر ٻنهل کي ٻڄائي ويندءِ:

جتن ڪج جتن جو، آئيا ڪ ايندا،
وٺي پنهو پاڻهجو، وڃان تو ويندا،
دم نه ڏميندا، سٽاريندا سائيهه ڏي.

۽ جڏهن سسئيءَ جا ڏير ساڻس دولاب ڪري، ٻنڀورءَ کي بي سرتائيءَ جي حالت ۾ اُٺن تي ٻڄائي ويا ۽ سسئي هرت جي ڏونگا ۾ ڀٽڪندي ڪيس چوي ٿي:

تو جو ٻول، ٻروچ! ويهي ڪئو وڪار ۾،
سو ٿي پارج، هوت! ولهي مون معذور سين.

تڏهن شاعر ٻين سورمين جيان، کيس پڻ چوي ٿو:

ٻهرين ڏين پارئج، پارڻ ٻوءِ پنهو لي،
ٻول م وساريج، هو جو ڪيئه هوت سين.

شاد چاهي ها ته سورمن سان به روح رهاڻ ڪري سگهي ها. سورمين جي دلي صداقت ڏانهن ٻانڪن جي زبان چڪائڻ لاءِ شاعر هڪ عقل واري لڄاريز ڪتب

آندي آهي، جو آکاڻين جي گهڻي ڀاڱي جو تعلق سندين نايڪائن سان رکيو اٿس. شاهه صاحب ڪهاڻين جو منڍ وچ ۽ پڇاڙي، ليڪي نٿو ڏئي. ”سر مومل راڻو“ ئي آهي جنهن ۾ ڪي قدر تفصيل سان آکاڻي ڏنل آهي. ٻيا سڀ سر وچان شروع ٿين ٿا ۽ شاهه چوندي چوندي صرف اهي واقعا ڏنا آهن جن دوران سورمين جون سيرتون چٽي سگهيو آهي.

سورمين جي سوال سان واسطو رکندڙ هڪ مسئلو آهي جنهن پڙهندڙن جو ڌيان لهڻو. مٿين ڪهاڻين جي مطالعه مان معلوم ٿئي ٿو ته عورت ئي آهي جا مرد جي تلاش ۾ وڃي ٿي. ”شاهه حياتيءَ ۾ ڏٺو ته عورت مرد جي ڳولا ۾ رهي ٿي ۽ نه مرد عورت جي.“ عورت جي زندگي ڪانڌ لاءِ جستجو آهي ۽ ان جستجو ۾ هوءَ پرواهه نٿي ڪري جي خرد پاڻ به ناس ٿي وڃي. شاه جا طالب سورميون آهن، نه سورما. سهڻي ميهار جي تلاش ۾ درياه ترندي فنا ٿي. عام آکاڻيءَ جي رُتا ۾ آهي ته پهرين ميهار ڏهاڙي رات جو تار تري وڃي سهڻيءَ سان وصال ماڻيندو هو. مگر انوقت درياه جي حالت ڪهڙي هئي، يا ميهار کي ڪهڙيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون، تن جو شاهه صاحب ذڪر ڪونه ٿو ڪري. فقط هڪ بيت ۾ ان واقعي ڏانهن اشارو ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

هي پاٽي سين پاهڄر، پسائي نه سگهار،
ڪارڻ مدد مهار، ڪاري رات ڪن لڙي.

مگر سهڻيءَ جي دردناڪ حالت بيان ڪرڻ لاءِ نه شاعر اڪيچار بيت ۽ وائيون چيون آهن. عام طرح جا سهڻي ۽ ميهار جي آکاڻي ڇوڙڻ ۾ ايندي آهي ۽ جنهن لئي شاهه صاحب "سر سهڻي" جو مضمون ٻيهاريو، ان ۾ آيل آهي ته ميهار هرڪنهن رات ٻڪل مڇي ڀاڻا سان ڪٽي ويندو هو، جا ڀاڻ ۽ سهڻي گڏجي کائيندا هئا هڪ پيري جڏهن سخت طوفان لڳڻ سبب مير ٻڌرن وِٽان ڪيس مڇي ملي نه سگهي، تڏهن معشوق وٽ هٿين خالي وڃڻ واجب نه سمجهي، پنهنجيءَ ٽنگ مان ران ٽڪر ڪڍي، ڀڃائي، ڪٽي ويو. ميهار جي سيرت نگاريءَ ۾ اهو هڪ اهڙو واقعو آهي جو ڪيس اعليٰ درجي وارن عاشقن جي قطار ۾ شمار ٿيڻ جو حقدار بڻائي ٿو ۽ اها قرباني جا ميهار سهڻيءَ لاءِ ڪئي سا بالڪل عمدي آهي، پر شاهه صاحب پنهنجي شعر ۾ اُن ڏانهن اشارو ڪونه ٿو ڪري. ڇو؟ ڪنهن طرح عورت جي بي بها قربانيءَ جي خصوصيت ڪيس سورمين ڏانهن مائل ڪيو ٿو ڏسجي ۽ عجب نه آهي جي سرگهور سهڻيءَ کي اهميت ڏيڻ لاءِ ميهار جي مذڪور واقعي کي نظرانداز ڪيائين. سهڻيءَ جي مصيبتن ۽ محبت جو بيان اهڙي نه باريڪ ۽ دلسوز نوع ۾ ڪيو

اٿس جو پڙهندڙن کان وقتي ميهار نه صفا پلجي ويٺو. ميهار هر روز سهڻيءَ کي ملڻ ويندو هو. ان جو مطلب نه اونداهين ۾ ويو هوندو نه سهائين ۾ ئي، پر جڏهن سهڻي اونداهيءَ رات جو ميهار کي ملڻ لاءِ ڪچو گهڙو کڻي پاڻيءَ ۾ گهڙي آهي، تڏهن ڪيڏي نه ڏاڍي جذبي مان شاعر ڏانهن ٿو ڪري:

ڪاري رات، ڪچو گهڙو، اُٿيهه اونداهي،
چنڊ نالو ناهه ڪو، درياهه دڙ ڏاٽي،
ساهڙ ڪارڻ سوهڻي، آڌيءَ لي آئي،
اي ڪم الاهي، نات ڪنهن ۾ ڪير گهڙي؟

سسئي پنهل جي پنيان رلندي زمين ۾ ڌپجي ويئي ۽ ساريءَ شاه واريءَ ڪهاڻيءَ ۾ صرف سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر آيل آهي. جيتري نه نهيو، مگر مٿي پچائتا پڻ جڏهن:

اچي عزرائيل، سٿي جاڳائي سسئي،
تي ڏوڙائي دليل، نه پنهونءَ ماٺهو موڪليو.

شاه اتي به ماٺ نه ٿو ڪري وهي، پر وڌيڪ سسئيءَ جي تلاش جو ذڪر ڪندي پڌائي ٿو ته:

منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏٺائين،
اڳتا اتي اُن کي، پنهو پڇائين،
ادا! اهائين، ڪو وٺو ساٿ سڄڻ جو.

عورت جي اُمنگن جو ذڪر جيڪو شاهه ڪيو آهي سو انگريزي شاعرن ۽ ناٽڪ نويسن جي لکڻ ۾ ورلي نظر ايندو. انهيءَ ڏس ۾ شاهه ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي.

مارئي بنديخاني اندر قابو آهي. هن کي اها آزادگي ڪانهي جو قيد جا ڪپڙا ڪواي وڃي مارن سان ملي ۽ ڪيمت سڀن کي پنهنجيءَ سچائيءَ جو ثبوت ڏئي؛ نه هن جو روح دائما مارن لاءِ رڙيون ڪندو رهي ٿو. شاعر ڪٿي به ڪونه ٿو چوي ته ڪيمت سيڻ، جنهن سان مارئي مڱيل هئي، مارئيءَ کي بند مان ڇڏائڻ لاءِ ڪا ڪوشش ورتي. مارئيءَ جا مائٽ ڌيءَ کي وساري وينا؛ شايد همت ڪانه ٿين جو عمر جهڙي حاڪم جي سامهون ٿين. شاعر مارئيءَ جي مڪان پڌائي ٿو ته:

نڪو اير، نه پير، نڪو اوٺي آئيو،
مون وٽ آيو ڪونه ڪو، پائرنا پري پير.

مگر مارئيءَ ڪين دل تان ڪڏهن به ڪين لاٿو. هوءَ دم دم مارن کي سارينديي رهي.

ڇرن ڇٽڪن ڇت ۾، سدا منجهه سرير،
لڏي ڪه لوءِ وٺا، مارو منجهه ملير،
وينئي پوچيان پير، ماءُ ملنم ڪڏهين!

قيد ۾ هوندي به مارئي مائٽن سان ملڻ جا وجهه ڳوليندي رهي ٿي.

نوريءَ جي نيڻن ۾ ڦاٿو چام لماڇي. ليڪن شاهه ڏيکاري ٿو ته نوري ٿي آهي جا هميشه هنجهي منڌاٿو آهي. عورت مرد جي محبت جي محتاج آهي ۽ سدائين پيار جي ڪاڻ ڪيڏي ٿي پويس ٿي. نوريءَ برابر جسماني تلاش ڪانه ڪئي ۽ مگر تلاش دل ۽ دماغ جي پڻ ٿيندي آهي.

هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جي رٿا جو مدار اها ڪهاڻي نظم ۾ هجي يا نثر ۾، ڪنهن نه ڪنهن بنيادي ويچار تي رهي ٿو. اها ضرورت پوري ڪرڻ لاءِ شاهه هر ڪنهن آکاڻيءَ ۾ ڪو نه ڪو اهم ويچار رکيو آهي. هر ڪنهن ڪهاڻيءَ جي رٿا علحدي آهي. ڪن جي پچاڙي دردناڪ ڏيکاري آهي ته ڪن جي هرڪ هلاس واري. مگر ٽڙئي مان هڪ جتادار شخصيت جي بوءِ اچي ٿي. جئن درزي ڪن وهائن جون چٽون ڳاڙهيون ناهيندو آهي ته ڪن جون سايون ۽ نيليون، مگر اندر ڪپهه ئي وجهندو آهي، يا جئن مناٽيءَ وارو جدا جدا شڪلين جا ٽولڙا جوڙيندو آهي، مگر لهيل سڀئي ڪنڊ مان ٿين ٿا، تئن شاهه جي سڀني ڪهاڻين جي اصولي مراد هڪ آهي. جهڙيءَ ريت اندلٺ جي ستن رنگن جو ڪارڻ سفيد روشني ٿئي ٿي، تهڙيءَ ريت شاهه صاحب جون نظمي وارتائون سندس ئي شخصيت مان اپڙن ٿيون ۽ سڀني ۾ پاڻ پيو وسي. ڪهاڻين جي

پيهڪ هڪ ٻئي کان عليحدي آهي، پر انهن مڙني جي
تہ ۾ ويچار جي هيڪڙائي نظر ايندي. آکاڻين جي
ڪثرت ۾ خيال جي وحدت قائم رکي اٿس. انساني
زندگيءَ جي مراد آهي ڏٺيءَ جي حاصلات. انڪري
هرڪنهن انسان لاءِ لازمي آهي تہ هو ايشور جي تلاش
ڪري. شاهہ عبداللطيف جي ڪهاڻين جو حاصل مطلب
بہ اهو ئي آهي. سندس سورميون ان روحاني تلاش
۾ رڌل آهن. ليڪن طالب کي مطلب جي پراپتيءَ ۾
ڪئين تڪليفون آڏو اچن ٿيون، جن کي ڪيس صبر
سان منهن ڏيڻو آهي. شاعر انهن مشڪلاتن جو بہ
بيان ڪري ٿو. انهيءَ نقطہ نگاهہ کان شاهہ جو قصي
شعر ٻن طبقن ۾ ورهائبو. هڪڙيون ڪهاڻيون آهن جن
۾ شاعر ڏيکاري ٿو تہ طالب کي ڪهڙين ڳالهين جو
احتياج آهي ۽ ڪيس ڇا ڪرڻ کپائي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ
جي صورت حال مان هو ظاهر ڪري ٿو تہ سچو طالب
اهو آهي جو دنيوي آفتن ۽ نفساني خواهشن کي بندگيءَ
۽ خود انڪاريءَ ذريعي غالب پئي، شيطاني چار کان
بچي، سر لريءَ کي ڪٽي، وڃي ٿو معشوق جو وصال
ماڻي. نوريءَ جي سيرت نگاريءَ مان شاهہ ظاهر
ڪري ٿو تہ "ٻول انهن جي ٻار، هيناهيون هلن
جي،" تہ ڏٺيءَ وٽ ڪم ايندہ نياز، نہ ناز ۽ سچي
طالب ۾ نمرتا جو گڻ هئڻ کپائي ۽ مولا کي ملڻ جو

ماڳ آهي منٿ جو ماڳ. ساڻياڻيءَ ٽماچيءَ کي همٿ ڪيو نماڻيءَ نگاهه سان: "مهاڻيءَ جي من ۾، نه ڪبر، نه ڪاڻ." ٻئي طبقي ۾ اهي آهن جن ڏواران شاعر ٻڌائي ٿو ته ڪهڙين ڳالهين کان طالب کي پاسو ڪرڻ گهرجي. ليلا ڪتيل بازي هارائي، ڇاڪاڻ ته مدجهس همٿ هو، خود پرستي هئي ۽ خدا تعاليٰ ٻاهرين ڏيڍي ۽ نٿ تي نئون پرچي. هو نه ڏسي نسل کي، نه پيسي کي ۽ راءِ رنجهندو دل جي صداقت تي. "ڪوءِ سميون! ٻن سومرين! جي اچن انهي ڳالهه." ليلا پاڻ چوي ٿي ته:

١- نه ڪين پاهڙين ۾، نه ڪين ڳو هئڙو ۾،
نه مڙن سنڌ، نه سرمون، نه سنگار ڪئو ۾،
ليلاهه ڪانڌ سندوم، رکوني ره ڳڙي.

٢- سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچيءَ ڳاڙها هار،
ٻانهون تا ٻانهن ۾، سند سٽبا وار،
ليلاه ٻي ٻچار، ڪانڌ مهڃي ڇڏيي.

پر جڏهن چنيسر کيس چت تان لاهي ڇڏيو هو، تنهن کي ليلا وري همٿ ڪيو. ڪيئن؟ پڇتاءَ جي لڙڪن سان اندر ڌوئي. جن هيناهين ڪئي ها تن تي لالن لڏو. سچي پڇتاءَ جا ڳوڙها آدميءَ جي گناهه جو داغ ميٽي، کيس وري ايشور جي لائق بڻائين ٿا. جڏهن ڪري نه ڪيو، تنهن به نه ڪيو. جڏهن ليلا پنهنجي ڪئي تي حد شرمسار ٿي، چنيسر کي چيو:

ٻولا! ٻيل ۾ مون، ڪانڊا ڪميڻي آهيان،
سڪ لنهنجي سهرين! پيري وڏس پؤن،

لڏهن شاهه ليلا کي چوي ٿو:

ليلا! لڄ ۾ ايترو، اٿي سور، ٻهار،
ٻولو اڳڻ پار، ڪاند ڪميڻيءَ آئيو.

مومل جي سيرت نگاريءَ مان شاهه ڏيکاري ٿو ته سچي سالڪ کي ايشور ڪانسواءِ ٻي ڪنهن جي به صحبت مان مزو اچڻ نه گهرجي. مومل جڙتو راڻو ناهي، دل پرچائي، ته دڪ پسڻا پيس، ۽ جڏهن ليلا جيان ليلايائين ۽ پنهنجيءَ خطا بخشائڻ لاءِ راڻي کي آزيون نيزاريون ڪيائين، لڏهن ٿو شاعر مومل کي خوشخبري سڻائي:

راڻي ريهارو، لو ڏاهه مڪو تڪڙو،
لد وڻتاءِ لطيف چي، ماڻڻج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ نيڙندو ڪرهو.

نوري ۽ مارئي نه نهو، ٻر دومل ۽ ليلا جي محلاتن ۾ رهي هندورن ۾ لڏيون ۽ سرڻين ساهيڙين ۾ سياڻيون، سڙطيون سڏبيون هيون، ان کي به کٽ ڇڏي، پٺ ڦيرلٽو پيو. شاهه سر مومل راڻي ۾ چوي ٿو:

ڪهڙي پڇين ذات؟ جي آئيا، سي اڳهيا.

مالڪ وٽ ملڪيت جو زور بازي نـ ڪنهندو، نڪي وري حسن ۽ چترائي قبول پوندا. سر معذوريءَ ۾ شاعر ٿو چوي:

ڏکي ڏکہ وسار، سيج ڦٽي کر، سسئي!
پنهين پير نهار، ته آريائي اُتان لهين.

مڙني ڪهاڻين جو حاصل مطلب هڪ آهي، پر اهو ظاهر آهي ته جي خاصيتون، شاعر موجب، سالڪن ۾ هئڻ گهرجن، سي پنهنجين سورمين ۾ وڌي-ون ائس. تلاش جو ڪم ڪانئــن ڪرائي ٿو. اهو رڳو رچيندڙ جي مرضيءَ تي ڇڏيل ٿئي ٿو ته جنهن اداڪار کي وڻيس تنهنکي اوچو درجو عطا ڪري. شاه جي نظمي ڪهاڻين ۾ ڳُوڙهي معنيٰ سمايل آهي؛ مگر اها ڪنهن ڪان ٿو ظاهر ڪرائي؟ سهڻيءَ کان، نه ميهار کـــان؛ سسئيءَ کان، نه پنهونءَ کان؛ مارئيءَ، نوريءَ ۽ ليلا کان، نـــه عمر، تماچيءَ ۽ چنيسر کان.

شاه جي شعر جي اڀياس مان جاڻ پوي ٿي ته هـو تقدير جو قائل هو، ۽ بيت جن مـــان سندس هـيءَ خوبي ظاهر ٿئي ٿي، سي اسين سورمين جـــي مڪان ندون تا، جي ڪهاڻيءَ ۾ شاه جون عيوضي آهـــن. سسئي پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ واويلا ڪندي پڪاري ٿي.

هيءَ ڪميڻي ڪير؟ جا اُمر کي آڏو ڦري.

ٻئي هڪ بيت ۾ سسئي چوي ٿي:

اڳ ڪرم جو ڪاتيو، ناس ٻٽر ڪير پڌ ڪري؟

مارئي وچاري ڳوٺاڻي آهي، ته به پاڻي لئي پئي ٿي

رهي ۽ سمجهي ٿي ته سندس قسمت ۾ ئي قيد لکيل هو ته انکانَ ڪيئن منهن موڙيو:

قسمت قيد ٿيڻ، ناسَ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾؟
آئي نِبڪٽي اوح جي، هند ڏيکارين هي.

سهڻي به اهائي لاس ٿي اٿوي:

١- اِي ڪم اِلاهي، ناس ڪڻ ۾ ڪير گهڙي؟
٢- ڪير ڪن؟ آڙن ڪير؟ ڪير ڏنم سهي ڏم جا؟
قضا ڙ ۽ ڪير ڏري؟ مٿي پاڻيءَ پير.

جنهن شاه جو روايتي شعر مطالعه ڪيو آهي تنهن کي خبر هوندي ته سواء انهن ٽن سورمين جي ٻي ڪا به لقديرلاء ڪجهه نه ٿي چوي. ان لاء سبب آهي. ليلا ۽ مومل جيڪڏهن سنو ته پنهنجن گناهن جي ڪري سنو ۽ مگر سهڻي، سسئي ۽ مارئي ته بي داغ ۽ پاڪ عورتون آهن، جن ڏکن ۾ پاڻکي اهڙي دلاسو ڏنو ته:

”لکيو لوڙي سيڪا، ڪانه لکيي ڪوڙ ڏار،
اِي حد جي هلو چوي، حيلين ڪرين هزار،
جو لکيو مڏجهه نراڙ، سو قلم ڪپاڙيءَ نا ڏهي.“

شاهه پنهنجون گهڻيون سورميون هيائيءَ جي هينئين درجي مان چونڊيون آهن. مارئي ٿر جي غريب ڳوٺڙين جي نياڻي آهي، ته نوري ورڙي ذاس جي مهاڻي آهي ۽ سهڻي آهي ڪنڀر جي جائي، ته سسئي، هڪ

بانيڻ جي ڌيءَ، ڌوٻيءَ جي گهر ۾ پلجي وڏي ٿئي ٿي. باقي مومل آهي، راجا نند جي نياڻي، ۽ ليلا، چنيسر جي پٽ راڻي. سورٺ، اصل ۾ ڌيءَ راجا انيراءِ جي، رلندي ڪنير جي نياڻي ايڪهڙي ۾ اچيٺي، ۽ جڏهن راءِ ڏياچ ڪيس راڻي ڪريٿو، تڏهن ڪيس به اها ئي چاڻ آهي ته سورٺ ڪنهيارڻ آهي. سورمين جي اهڙيءَ چونڊ ڪرڻ سان شاهه ڪهڙي راز سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ دنيا جي اونهي آزمودي مان ڪيس اها چاڻ پيئي ته غريبي گڻن جي کاڻ آهي. جيڪي ڌڻيءَ جا تلاشي آهن تن ۾ گهرجي دل جي صداقت، بلند خيال، نفرت، قرباني. اهي صفتون شاهوڪارن کان وڌيڪ هنکي غريبن ۾ نظر آيون. غريبي معنيٰ غربت. جيڪي دنيوي خيال کان مسڪين نظر اچن ٿا، سي روحاني دولت ۾ مالا مال آهن: سندن دلي دنيا دائما آباد رهي ٿي. جيڪي دنيا کان بري، سي ڌڻيءَ کي اوري. شاهه صاحب ڌنو ته دولت ۾ ناز آهي، غريبيءَ ۾ نياز آهي، ۽ مالڪ وٽ نياز ڪندو، نه ناز. ليلا راڻي هئي. پاڻ چوي ٿي:

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾،
دهلين، دمامين، نفرين، ٿي پلپل پڇياس.

ليڪن ليلا ناز ڪري لائن لڌل چنيسر هٿان وڃايو، پر نوريءَ بمهنجيءَ نيازيريءَ هلت سان ڄام تماچيءَ

کي اهڙو موهي پنهنجي قبضي ڪيو، جو خوبصورت نازنين سمين کي ڇڏي، هن هڪ مهاڻيءَ ڪـــي پاڻ سان پلنگ پيرو ڪيو:

سميون ڪري سينگار، راءِ رنجهائڻ آئيون،
چار همت ۾ چار، جلي جبين وچ ۾.

مسڪين نيازمندن کـــي ئي مالڪ نوازيندو آهـــي. مسڪين مهاڻي جي مڪان مان لماچيءَ لڌو مالڪ موتي، يا ٻين لفظن ۾، گندن جي گند مان نوري گوهر:

هيري همت وڏائين، ويهي سانين وچ ۾.

شاهوڪارن جون اکيون آسمان ۾ آهن ۽ هو دولت جي نشي ۾ چور آهن، جنهنڪري هو تابع ڄڻ تـــا. شاه صاحب جون ٻه سورميون، ليلا ۽ مومل، وڏ گهرائيون آهن، ۽ اهي ئي تابع ڄڻ ٿيون. ليلا لاءِ شاعر چوي ٿو:

اُڙ ڏي ٻـي توڪ، لرکي تڪبر ۾ پئي.

ايڪن ٻين سيڌي جون سيرتون بي داغ آهن ۽ اهـي آهن پڻ غريبن جون جايون. ليلا ۽ مومل جهڙا ڪم نه ڪيا سهڻيءَ، نـــه سسئيءَ، نه نوريءَ، نه مارئيءَ. ڪاين جهوپڙين ۾ رهندڙن کي ڪهڙي خبر ته چترائي ڇا ٿيندي آهي؟ شاهه عبداللطيف چوي ٿو ته جيڪي جهنگلن ۽ جهوپڙين ۾ تا گهارين، تن ڏانهن نفرت جي نظر سان نه ڏسو، جنجو بدن پراڻن ۽ کهرن ڪپڙن ۾ ڍڪيل تا ڏسو، تن جي دل ويتر قيمتي اٿو. جڏهن

ھڏ ڏيئي سخت جبلن کي کوٽجي ٿو، تڏھن اندران سون جون کاڻيون لڀن ٿيون. جيڪي سکن جي سيڄن تي ليٽن ٿا ۽ ملڪيت جي نشي ۾ الوٽ آھن، تنکي اِهي شيطان پنھنجي ڄار ۾ سولائيءَ سان ڦاسائي ٿو. ليلا لاءِ هيرا جواهر ڪا نئين چيز ڪونہ ھئا؛ تہ بہ ھڪ مڻيءَ تي موھجي ھن ڪانڌ قربان ڪيو. پاڻ ٿي ٻاسي:

مڻيي مٺي جي ھئا، تن چٽن ڦيريم چت.

مگر مارئي ھڪ غريب ڳوٺاڻي ھئي. ھن نہ ڪڏھن سينگاريل پلنگ تي پير رکيو ھو، نہ مخمل جي وھاڻن تي سمھي ھئي؛ تہ بہ عمر جي لالچن تي پنھنجي نہ ويئي. مرڳوئي کيس چڙ ٿيئي:

پٽ نہ پرھيان، سومرا! جانڪيتان جيان.

... ... ... ... ...

ليل نہ لائيان لھجي، مون ماروءَ جو من.

... ... ... ... ...

اِي نہ مارن ريت، جن سيڻ مٽائن سون تي.

مارئي مسڪين مائٽن جي ڌيءَ ھئي، ڌ، بہ اخلاق جو دامن ھٿان نہ ڇڏيائين. مارئي اچا مگيل ھئي؛ نڪاح ڪونہ ٿيو ھوس، مگر ليلا تہ لائون بہ لڌيون ھيون. اھو تفاوت شاعر ڏيکاري ٿو غريب ڳوٺاڻيءَ ۽ راڄا جي پٽ راڻيءَ ۾.

شاھ جي سورمين جي قسمت ۾ گھڻي پاڳي سک

لکيل ڪونهي. هو جڏهن جاين ۾ آهن ڏکن ڏسڻ لاءِ. جڏهن سان ٿي اهڙي ڪنهن گهاٽو گرهه جي اٿر هيٺ آيون تيون ڏسڻ جو سندن نصيب ۾ آهي صرف ٻڌڻ ۽ پڙهڻ.

وڻان ته راند ۾ ڪلان ته ڪامي هيون.

سسئي کهڙي نه دردائي نوع ۾ جبل کي چوي ٿي:

ڏونگرا! مون نه ڏکوءِ، آن اڳ ڏکوئي آهيان،
سارِيان ڪرِنِ سڪوءِ، سور گهٽيئي سنيران.

ٻئي هنڌ ساڳي سورمي ظاهر ڪري ٿي ته:

مٺ مٺ سورن سيڪنهين، مون وٽ وٺاڻان.

مگر سورمين جي خيالن مان شاعر ظاهر ڪري ٿو ته دکن جو دڳ ٿي آهي جو انسان کي سکن جي ديس جو سير ٿو ڪرائي:

ڪرِهيارو ڪامل، مونکي ڏک ڏيکاريو.

شاهه جي سورمين جي ڏکي جيوت ثابت ڪري ٿي ته بهشت ۾ ڏٺي ان دوربينيءَ سان ڏسڻ ۾ اچڻ جا انساني ڳوڙهن جي نهيل آهي. انسان جي اکين جو آب ٿي آهي جو آدميءَ کي روحاني اندلٺ ڏيکاريٺو. جڏهن زمين کي انساني ڳوڙهن جو پاڻي مليل آهي ان ۾ سچ جا سلاسنا ۽ ٻلا اُسري سگهندا ڏک ٿي آدميءَ جي سيرت سنئي صاف نموني ۾ گهڙين ٿا. جهڙيءَ ريت هر زمين کي کيڙي، سندس سينئي کي چونيءَ

سان ڇيري، انکي پوک لئہ سڄو ٻڌائي ٿو، تہ ٿڙيءَ ريت ڪئين آدميءَ جي دل جي ويراني ۾ سوراخ ڪري، آنسن روپي آب پهچائي، ۽ کيس پرماتما جي ٻاجھ ڪيءَ لائق ڪري ٿو. جنهن سون کي پرکڻ لاءِ سونارو ان کي باھہ ۾ وجهندو آهي، تنهن شاهہ صاحب پنهنجي هرهڪ سورميءَ کي، آزمايش لاءِ عذابن جي آڳ مان لنگهائي ٿو ۽ کين موت مان ئي ميلاپ جي واٽ ڏسي ٿو:

ڪون جي ڪال مئي، نہ ڪال ئي گڏي پريءَ کي،

ڪنڌہ ڪان سئي، تہ ڪا سگهي گڏي سڄڻين.

سڪ انهن ڪهاڻين جي سورمين، ليلا، مومل ۽ ماروءَ جون حياتيون بہ دکن ۾ گذرن ٿيون. مارئي جا "سر مارئي" ۾ آيل آهي سا عمر جي بنديخاني ۾ قيدڻ آهي. مومل ۽ ليلا ڪيترائي ڏينهن پنهنجن ڪانڌن جي پريم ۾ پيار وندڙ ۽ وڇوڙي پسڻ کان اڳ هنن وصال جي موج پڻ ماڻي، پر شاعر ان جسماني خوشيءَ جي موقعن جو ذڪر صفا نہ ٿو ڪري. نوري ئي آهي جنهن ڏک نہ ڏٺا.

شاهہ جون سڀ سورميون هڪ طبقي اندر نہ اچي سگهنديون. هرهڪ جي پدوي علحدي آهي. پر جيڪڏهن ڪوشش ڪبي تہ سهٽي ۽ سسئي هڪ درجي ۾ اينديون ۽ مومل ۽ ليلا ٻي ۾. نوري تہ ليلا ۽ مومل جي مقابلي ۾ آيل آهي. مارئي پنهنجو مٽ پاڻ آهي، ۽ سورٺ جي حالت مڙني کان نرالي نظر ايندي.

# سهڻي ۽ سسئي

سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي وچ ۾ ظاهري مشابهت آهي. ٻئي ڄڻيون، سالڪ بڻجي، محبوبن جي جستجوءِ ۾ پنهنجون حياتيون قربان ڪن ٿيون. ٻئي ڏکانت ڪهاڻين جون سورميون آهن. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي نظمي ڪهاڻين ۾ ساڳي معنيٰ رکيل آهي. سهڻيءَ زندگي ڪاٽي ميهار جي تلاش ۾، سندس وصال جي اميد ۾، ۽ سسئيءَ جي حياتي پنهونءَ کي ڳوليندي ڳوليندي ختم ٿي. شاعر هڪ ئي اهم ويچار ٻنهي آکاڻين جي ذريعي ظاهر ڪرڻ ٿي چاهيو. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي سيرتن دوران شاهه صاحب سچي سالڪ جون لياقتون ٻڌائڻ ٿي گهريون. هن جو مطلب هو ته ڏيکاري ته سچي سالڪ کي ڪهڙيون مشڪلاتون آڏو اچن ٿيون ۽ هو ڪيئن انهن تي فتح پائي ٿو. سهڻي درياهه لڙي، ڪهڙي ڪُن ۽ تيز وهڪري جي خوف خطري مان لنگهي، وڃي ميهار کي ملندي هئي ۽ سسئي وري رڻ پٽ جا اڪائيندڙ پنڌ ۽ جبلن لڪن جا لاها چاڙها لنگهي. ڇا لاءِ؟ وڃايل پنهل سان ملڻ لاءِ. ٻنهي سورن جي سٺايلين موت جي گود ۾ پنهنجن پريتمن جو مشاهدو ماڻيو.

ٻئي ڄڻيون ماڻهن خواهه مرن، ساهه وارين لوڪ سي بيجان شين کان پنهنجن پرين جي پڇا ڪن ٿيون. سهڻي درياه ۾ لڙهندڙ ٻيڙ سان دل جو حال اوري ٿي:

ادا! ڙي! ٻاندي! لوڪي ڪڙهان ڪ ٻاڻ ڪي؟
سوڌي خبر سڄڻين، لو ڪا ٽڙ آندي؟
ڏو ٻالارڻا ٻانڌي، اسان پنڌ پرين ڏي.

سسئي وري جبلن سان ٿي ڳالهائي ۽ سچ کي نياپا ڏئي ٿي:

آئون نه ڳڏي ٻريءَ ڪي، ڏون ڏو لهين سچ!
آئون جي ڏٻرءِ سنيها، نمئي ٻرٻان کي ڏج،
وڃي ڪيچ ڇئيج نه "وڃاري وات مئي."

سهڻيءَ ۾ اهائي خوبي آهي جا اڪثر عورتن ۾ نظر اچي ٿي ۽ هوءَ سونهن جي شاهڪار آهي- جنهنجو نالو سهڻي، سا پنهنجيءَ سونهن جو اونو ڪيئن نه رکندي؟ مارئيءَ جي سوڀيا سندس جسماني ٺاهه ٺوهه ۾ نه آهي، مگر هنجي پاڪدامني ۽ مارئيءَ جي عصمت ئي سندس سيرت کي وڻندڙ بڻائي ٿي. سسئيءَ جي سونهن سڙن سهڻ ۾ آهي. شاهه نوريءَ جو ناز سندس نئڙت ۾ رکيو ۽ سندس غربت ئي کيس حسين بڻائي ٿي. ليڪن سهڻيءَ کي سهڻو ڪيو بدني سوڀيا؛ هن ۾ نه آهي مارئيءَ ۽ نوريءَ واري سادگي، نه مومل ۽ ليلا وارو ناز نخرو.

نه صرف ايترو، پر پنهنجي دلبر، ميهار، مٿان هوءَ سونهن پسيٿي. سرلين کي چوي ٿي:

جيڏيون! دنيان جي، صورت ساهڙ جام جي،
سک ٿي سمهو کين، ڪاندن ٻاسي ڪي،
منهائي اڳي، گهڙو سڀ گهڙا ڪٽي.

سهڻيءَ جيان، سسئيءَ پڻ ساهيڙين سان پنهل جي مرهيندڙ مورت جو ذڪر ڪري ٿي. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ بنا ٻي ڪابه شاهه جي سورمي پنهنجي ساجن جو حسن بيان نه ٿي ڪري.

١- آن جي ڏني، جيڏيون! پنهوءَ جي ٻاروءَ،
سنجهي ۽ صبوح، سورن لئي سڄڪيون.
٢- ٻاروچو ٻيءَ روءَ، جيڪس ڏنو جيڏيون،
سنجهي ۽ صبوح، هند نه اڙن وسري.

جيڪڏهن سهڻيءَ لئي ميهار جي سونهن جو اهڙو نه گهاٽو اثر ٿيو جو چيائين:

ساهڙ مون سينگار، ماڙهن ليکي ميهڻون،

۽ پنهونءَ جي مرڪ سسئيءَ کي مستانو ڪري ڇڏيو، نه ميهار ۽ پنهون لئي پڻ سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي حسن جو اثر ٿيو هوندو، مگر انهو شاعر ڪٿي به ذڪر نٿو ڪري. پنهون جنهن حڪومت جي پرواهه نه ڪري، ڪٿي ٿيڻ قبوليو، ۽ ميهار جنهن اميريءَ جي الولن جو

لياڳ ڪري، ميهون چارڻ جو ڪم ٻاڻ لي هموار ڪيو، سي به گهٽ درجي وارا عاشق نه چئبا. انهنجي محبت جو شاهه چو نه تو ذڪر ڪري؟ ڪير جي چڪي جا ميهار سهڻيءَ ڪي، ڏهي، پيڻ لاءِ ڏني، تڏهن، شاعر چوي ٿو، ويچاريءَ ڪي ماري وڌو:

مهارا مرڪي، پيتائين پريم جي،
لهه منڌ مترالي ڪي، سنديءَ ساه سرڪ،
لڳيس ڪام ڪرڪ، لوهان، لکيءَ لطيف چئي،

پر سهڻيءَ جي نيهي نگاهن جن ميهار کي نهوڙيو، تن جو به شاعر چاهي ها ته ميهار جي مکان بيان ڪري سگهي ها. سسئي ٻاڻ تي ٻڌائي ته جڏهن پنهون ڪيچين سان عطر عنبير کڻي اچي پنهورم لٿو ۽ ٻاڻ خريدار بڻجي، وٺس ويٺي، تڏهن ڪيئن دل وڃائي واپس وري:

١- ڪيچا آيو قافلو، جامن سندو جام،
پسنده پنهوءَ کي، آکن ڪٿو آرام،
ناتر چايان نام، جي مون نهو ٻاڻ سين.

٢- ڪيچا آيو قافلو، پايرو پايان،
پڻي جي پيرن جي، لڳن کي لايان،
چمبيلي چايان، جي مون نهو ٻاڻ سين.

ٻئي هنڌ وري چوي ٿي:

حسن هوت پنهوءَ جي، ماري موت وڌ پاس.

سسئي پنهنجي ويدن پاڻ ورنن ڪري ٿي، پر پنهونءَ
کي جو سسئيءَ جي سڪ بي چين بڻايو، تنهن لاءِ شاعر
ڇو ماٺ ۾ رهيو؟ شاهه سورمين جي امنگن جو
ذري پرزي بيان ڪري ٿو.

مگر انهيءَ ڀاڙڻءَ هڪجهڙائيءَ پٺيان ڪافي تفاوت
نظر ايندو. سهڻيءَ جي محبت جون حالتون سسئيءَ
جي حالتن کان ٻيءَ طرح جون هيون. سهڻيءَ جي سيرت
ڏيکاري ٿي ته هوءَ چوٽيءَ تي آهي: ان چوٽيءَ تي،
جتي شاهه جي ٻي ڪا به سورمي پهچڻ جي سڌ نٿي
ڪري سگهي. شاهه جي مڙني سورمين ۾ سهڻيءَ جو
درجو مٿي آهي.

سهڻيءَ جي سيرت جو مکيه ڇهڻ آهي هن جي
دليري. عشق جي آگ جڏهن سندس اندر ۾ ٻرڻ
شروع ڪيو، تڏهن منجهانئس زناني ضعيفائي ڪڍي،
کيس اڻ جيت شڪتي بخشيائين. سهڻيءَ جي ٻي ڏپائي
بي نظير آهي. سهڻيءَ جي حالت ٻين سورمين کان
عليحدي آهي، جن کي، سواءِ مومل جي، مائٽن
سندن ئي رضامنديءَ سان مڱايو پرڻايو. پنهنجي خواه
لوڪ خيال کان سهڻيءَ جو ميهار سان ڪو تعلق نه
هو، مگر سسئيءَ جي پنهل سان شادي ٿيل هئي.
سهڻيءَ جي مائٽن جڏهن ڏٺو ته سهڻي ميهار جي محبت

۾ مبتلا آهي، تڏهن سندس مرضيءَ خلاف ڪنهن ڏم سان پرڻايائون. سهڻيءَ کي نه رڳو هو ڪنهن راس درياهه ٽپي، ميهار وٽ وڃڻو پوندو هو، پر گهر ۾ ڏم جا ڏوراپا پڻ سهڻا پوندا هئا. سسئيءَ جيڪڏهن، پنهل لاءِ جبلن ۾ رلندي، پنهنجا پير ڦٽيا، ته ڪهڙي وڏي ڳالهه ڇتهي؟ پنهون سندس ڪانڌ هو، جنهن کي ڳولڻ هن جو فرض هو. مارئي ڪيمتسين سان مڱيل هئي ۽ جيڪڏهن مڙس جي ياد ۾ رهي، هن عمر جي آخر کي ارڪاريو ته اخلاقي اصول جي پوري ڪيائين. مگر سهڻيءَ جون حالتون وڌيڪ ڪٺن هيون. سسئيءَ جي مائٽن کي معلوم هو ته سندن ڌيءَ پنهونءَ جي تلاش ۾ وڃي ٿي، هو سندس پٺيان ڪين ويا ۽ هن کي ڪو به طعنو هڻي نه ٿي سگهيو. سهڻيءَ جي چوڌاري مخالفت هئي، ڌڪار هئي، نندڪرن هئي. شاعر چوي ٿو ته:

پل پل ٿي پلي، ڏم ڏهاڙي ڪيترو،

۽ پاڻ به پڌائي ٿي ته:

ڏم ڏيهاڙي ڏي، سندا ميهر مهڻا،
جهليم ٿي جهولي ۾، پلءِ پاڻيو سي،
مر جان چاليهه ڇي، سگا سيرائن جي.

ڏم ته ٺهيو، مگر سندس سؤٽيون ۽ عزيز پڻ ڪنهس ميهار

وت وڃڻ کان مدد ڪن ٿا. سهڻي ٿي چوي:

لهرن جا طعنا، سهڻگا ڏيندم سرليون.

هڪ هند شاعر، سهڻيءَ کي سرائين سان ڳالهه ڪندي، ڏيکاري ٿو ته هن کي نه ڏر جي غصي جي پرواهه هئي نه درياهه جي چولين، ڪنن، واڳن جو ڊپ. هن کي هر وقت اهو لي هڪ اوار هو ته:

شال م چڙهي نيهه، گهڙان گهوڙ ٿو جندڙوا!

جڏهن سرليون ليون چونس:

متان گهڙين، سوهڻي! اڄ درياهه ۾ دم

ڪاريءَ رات ڪمن ۾، ڪهڙو اٿئي ڪم؟

متان جاڳي ڏم، پڇي پاڙي وارين،

تڏهن سهڻي وراڻي ٿي ڏين:

پڇي پاڙي وارين، ڪوهه ڪريندو ڏم،

ڪاريءَ رات ڪمن ۾، آهه ڪاڻيارن ڪم،

هيءَ هڏو ۽ چم، گهورئو محب مهار تان.

اهڙين مشڪلاتن سسئيءَ کي آڏو ڪين آيون. سسئيءَ جو سور سنا؟ مائٽ سندس اوخلاف ڪين ويا پنهونءَ جي پهر مان سائس ڏاڍائي ٿي. ڏيرن، نگي ڪري، پنهون کانئس جدا ڪيو. پر سهڻيءَ کي ڪهڙي پئي هئي جو مائٽن جو ناراضپو ڪٽي، ڏر جا ڏورا پسنا ۽ ڏنهون سهي، ميهار جي پليان وڃي. ميهار سان ڪهڙو

سڳ هوس؟ شاهه ڀٽائي ته ٻه سهڻيءَ جو ميهار سان جيڪو سڳ هو انجي خبر عام ماڻهن کي ڪانه هئي. اهو سڳ ”السُت“ کان اڳ قائم هو:

سهڻيءَ کي سنگار، اڻ لکتا اڳي هئا،
ڪا ڪن ڪيڪون هئي، نڪا ٻي ٻهار،
مرڪي ساڻ مهار، لاياٿين لنءَ لطيف چي.

سهڻي ڀٽائي ائي ته مون ميهار سان ازل کان لائون لڏيون آهن:

”السُت“ ارواحن کي، جڏهن چيائون،
ميهاڻا مهار سين، لڏيون مون لائون،
سو موٽي ڪنءَ ڀاڃيون؟ جو محفوظا معاف ٿيو.

دنيا اهو سڳ نه قبوليو، جنهنڪري سهڻيءَ دنيا جي غرض نه ڪئي، ۽ هوءَ پاڻ سان سچي رهي. پنهنجي سختين جو ڪارڻ هوءَ پاڻ هئي. پنهونءَ جي پٺيان ڀڄندي، سسئيءَ سماجڪ يا مذهبي اصولن جي پاڪڙي ڪانه ڪئي. سهڻيءَ جي حالت وڌيڪ دل لوڙ هئي. دلي صداقت ۽ سختين ۾ صبر سهڻيءَ ۾ ارادي جي پختگي آندي. سهڻيءَ جي اوچتي موت جو سبب ڏم جو حسد ۽ ڪاوڙ هئي. ڏم جي ڀيڻ پڪي گهڙي جي جاءِ تي ڪچو رکيو ۽ سهڻي عشق جي انڌ ۾ ڪچي

۽ ڀڪي ۾ لڪاوٽ نہ ڏسي، ڪچو دلو کڻي درياه ۾ ٽپي پيئي. ڀاڻ چوي ٿي تہ:

"پاڻ نہ پهلو، منڪي ڏاءُ ڏتار ٿو."

مگر سسئيءَ جي مائٽن جي ڌيءُ سان هر نموني جي همدردي هئي، ڇاڪاڻ جو سندس خواهش سان ئي سسئيءَ جو پنهونءَ سان نڪاح ٿيو هو، ۽ جڏهن پنهونءَ کي پاڻ ڀڄائي ويا، تڏهن ڀنڀور جا ماڻهو پڻ سسئيءَ جي دل وٺڻ لڳا. ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي شاه صاحب چوي ٿو:

ڇڪس سڀ چئي، ماڻهو شهر ڀنڀور جا،
سا موٽي ڪيئن مڙيءَ، جا جو جانب جت وٺي ويا.

سهڻي ميهار کي ملڻ لئي وڃي ٿي تہ سرليون جهليس ٿيون، ليڪن سسئيءَ کي نہ ڪو صلاح ڏئي ٿو تہ پنهونءَ سان لو لائون لڏيون، انکي لهڻ کان اڳ ئي موٽجانءِ. خود سندس هڪ جيڏيون بہ ڪيس آٿت ٿيون ڏين. سسئي سندن لاءِ چوي ٿي:

مون جنءَ رناڻون، مٽي ڪٿو هڏا.

هڪ مکيہ ڳالهه جنهن اسانجو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي تہ سسئي، ڪهاڻيءَ جي رنا ۾، ڪيترا دفعا ماءُ سان گفتگو ڪري ٿي ۽ سهڻي صرف سرلين سان. سهڻيءَ کي جيڪڏهن ماءُ هئي بہ ڪٿي، تہ بہ انهيءَ ڌيءَ جي

دلي جڏهن جو خيال نه ڪري، ڪبس زوريءَ ڏم سان پرڻايو. مگر سسئي ماءُ سان دل جو درد اوري ٿي. پنهور جڏهن ويندا، سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

١- پريتڻي پرينءَ جي، ماءُ! مدهاڻم مت،
٢- آڻل اورانگهي وٿا، آئون ٿي مران ماءُ!
٣- جتن جي ضرور، مادر! ماري آهيان.

”سر سسئي آبري“ ۾ جابل آهي ته:

اڄ مليند يس، ماءُ! ڏاجا ڪند يس ڪمڙا،
جوڳا! جوڳياڻي ٿيان، مونکي جهل م ماءُ.

هيءَ بيت ڏيکاري ٿو ته سسئيءَ جي ماءُ ڌيءُ کي مدد ٿي ڪئي ته اون پنهور جڏي اڪيلي پنهونءَ جي ڳولا ۾ نه وڃ؛ مگر انهيءَ جهلڻ ۽ ڏم جي سهڻيءَ کي مدد ڪرڻ ۾ لٺاوت آهي. سسئيءَ جي ماءُ، ڌيءُ کي روڪي ٿي، ڇاڪاڻ ته متس قياس ٿو پورس ته ويچاري ڪيئن جهنگل جاڳيندي ۽ ٿڪر ٿاڪيندي. سهڻيءَ کي دلداري ڏيڻ وارو شاهه ڪانسواءِ ٻيو ڪير ڪونهي. سسئيءَ جي هيئين ستن مان، جي ”سرڪوهياري“ ۾ اچن ٿيون، صفا ظاهر آهي ته پنهونءَ جي وڇوڙي ۾ جڏهن سسئيءَ ڏک وچان هڏون ٻي هاريون، تڏهن ماڻس به ڌيءُ کي جهوندو ڏسي، دل جهلي نه سگهي ۽ اچي روئڻ ۾ ڇٽڪي:

روئو ويٺي راڄ، اَمر اورنا نجهري،
لاڳو مون ڏيهه وطن سان، لاڳاپو ۽ لاڄ،
ڏونگر سي ڏورينديون، جن اندر ٻري آڳ.

سسئي ماءُ کي چوي ٿي، "اي، منهنجي ماءُ!
تون ويٺي گهر ۾ روئي ارمان جو اظهار ڪر، پر مان
گهر ۽ وطن سان سڀ ناتا ٽوڙي جبل جهاڳينديس."
سسئيءَ جي ماءُ ڌيءَ جو وڇوڙو سهي نه سگهي.
مگر سهڻيءَ طرف نظر ڪبي ته معلوم ٿيندو ته هن قرب
جي ڪٺل کي نه ڪو به دلاسي ڏيڻ وارو ڪو نه هو.
"امڙ"، "ماءُ"، "جيجل"، "مادر"، "آئل"، اکر جي
سسئيءَ جي بيتن ۾ ڏسڻ ۾ ايندا، سي ظاهر ٿا ڪن
ته سسئيءَ کي همدرد ماءُ هئي. "سرحسيني" ۾ هڪ
هنڌ سسئي ماءُ کي چوي ٿي:

ماءُ! وهائون وار، ڪڻ پٽرائي پاڻ جي،
جيڪين ڏنءِ ڏيج ۾، سو سڀوئي سار.
وڃان ٿي وڻڪار، ڏنم پير پنهوءَ جو.

مٿين سٽن مان ثابت آهي ته سسئيءَ کي سندس
مائٽن خوشيءَ سان پنهونءَ سان شادي ڪرائي ۽ ڪيس
ڏاجو پڻ ڏنو. سسئيءَ جو پنهونءَ لاءِ پريم هڪ سهاڳڻ
عورت جو پنهنجي ڪانڌ لاءِ قرب ۽ پر سهڻيءَ جي
ميهار لاءِ سڪ هئي طالب جي مطلوب لاءِ محبت.

جيڪي سسئيءَ ڪيو، سو سوين ڪنديون: پنهنجيءَ لاءِ پاڻ پتوڙڻ هر ڪنهن سگهڙ ناريءَ جو فرض آهي. ليڪن جيڪي سهڻيءَ ميهار لاءِ ڪيو، سو هزارن مان هڪ کي به ڪرڻ جي جرئت نه ٿيندي.

سسئيءَ ۽ پنهونءَ شاديءَ بعد ڪجهه عرصو هڪ ٻئي جي آغوش ۾ گذاريو. بنا ڪنهن ڇنتا ۽ مانداڻيءَ جي سسئيءَ پنهونءَ جي پيار جي چشمي مان ڍڪي پي پياس مٽائي. سندي جي دلي مراد پوري ٿي. سسئيءَ کي اهو خيال ڪڏهن خواب ۾ به نه آيو هو ته ڪو پنهون ڪانئس جدا ٿيندو. انهيءَ جي ثابتي خود سسئيءَ جي زبانون ملي ٿي:

مون ڄاتو مون وٽ، هميشه هوندا پرين،

"سر حسيني" ۾ سسئي ماضي ۽ حال جو ذڪر ڪندي چوي ٿي:

اڳي اينءَ هئاس، جن پنهوءَ ڏونگر ڪمڙا،
هاڻي اينءَ ٿياس، جن جت نه نيڻ پاڻ سين.

انهيءَ بيت مان پڌرو آهي ته سسئيءَ ڪجهه مدت لاءِ پنهونءَ جو وصال ماڻيو ۽ ٻئي گڏجي ڪمڙا سٺيا. ليڪن سهڻيءَ کي اهو سک نصيب ۾ ڪين هو. سسئيءَ پنهونءَ جو وصال ايترو وقت نه ماڻيو جو ان وچ ۾ آريءَ ڄام پٽ کي هڪ قاصد موڪليو ته کيس

ڪيچ واپس وني اچي. پنهونءَ وٽان انڪاري جواب ملڻ بعد، قاصد ڪيچ موٽي، آريءَ ڄام سان سنڌس پٽ، پنهونءَ جو سربستو ذڪر ڪيو، جنهن لي آريءَ ڄام پنهنجن پٽن کي ڀنڀور چاڙهي موڪليو ته، ڪنهن به طريقي پنهونءَ کي موٽ وٺي اچو. انهن ڏينهن ۾ اٺن جي مسافري! ڪيچ مڪران ۽ ڀنڀور جي وچ ۾ چڱولي وقت وٺندي هئي. اُن جو مطلب ته سسئيءَ پنهونءَ جي صحبت ۾ گهڻائي ڏينهن گهاريا، ۽ جڏهن پنهونءَ جا ڀائر ڀنڀور ۾ پاءُ وٽ اچن ٿا، تڏهن سسئيءَ کي بي حد خوشي ٿئي ٿي. "سر حسيني" ۾ هوءَ ظاهر ڪري ٿي:

آيا، آس ٿيام، ڀاروچا ڀنڀور ۾،
ٻسي ٻهر پنهوءَ جي، نه سڻءَ نيڻ ٺرياءِ،
گندر وسريام، سکن شاخون مڪيون.

سسئيءَ کي هنن جي اچڻ جي خوشي ته برابر ٿي، مگر هوءَ پنهل جي پريم ۾ اهڙي ته مست هئي، جو ڏيرن جي ڪا به خاطرداري ڪانه ڪيائين، ۽ کهڙي نه دلسوز نوع ۾ ٻاسي ٿي:

اکيان اٿي اُن جي، خوب نه ڪم ڪاڄ،
ميڙي آب سرليون، نکي ڳايم ڳاچ،
سا مون هٿان نه ٿيي، جيڪا وسم راڄ،
آيل! آءُ اڪاڄ، ٻول ٻروچي ولرو.

سسئيءَ جي سيرت ۾ هڪڙي خاصيت آهي پنهل لاءِ ورلاپ. انهي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته جڏهن سسئيءَ پنهون وڃايو، تڏهن سهڻيءَ ٻڻ ڪجهه وقت ميهار جو منهن نه ڏٺو. آڪاڻيءَ ۾ ڏنل آهي ته جڏهن ٻلي ڪنهن کي چاڪ پيئي ته ميهار سندس نياڻيءَ سهڻيءَ سان عشق ڪري ٿو، تڏهن هن کي نوڪريءَ تان جواب ڏنائين ۽ سهڻيءَ جي ڏم سان شادي ڪرائي ويئي. ميهار جو ڪيترو وقت ته پتو ڪونه هو. ان جدائي واري عرصي جو جيتوڻيڪ شاعر بيان ڪري ٿو، ته به انهين ڪونه ٿو چوي ته سهڻيءَ، سسئيءَ جيان، دانهون ۽ ڪوڪون ڪيون يا ميهار جي محبت ۾ شڪ آندو. هن جي حالت هئي:

ڏم سين جسم ظاهرا، من مهار سين ميڙ.

ميهار جي غيرحاضريءَ ۾ سهڻي ميهار جي ياد ۾ رهي. هوءَ چوي ٿي:

ڏٺي ڏيهه ٿئام، ڪه چاڪا کهڙا پرين؟
سهسين سج اُلهي، واجهائيندي وئام،
ٿيين سال ٿئام، جنين ساعت نه سهان.

سهڻي متئين بيت ۾ ٻڌائي ٿي ته ڪنواري ميهار ٻنا پل به نه سرندي هيس ۽ هينئر سال گذري ويا اٿس ته سندس صورت نه ڏٺي اٿائين. ڪيتري وقت کان

پوءِ ميهار سنياسي بڻجي سهڻيءَ جي وطن آيو ۽ درياهه جي ٻيءَ پر (هڪ ڪپ تي سهڻي رهندي هئي) ٻونگي اڏي اچي رهيو. جڏهن سهڻيءَ کـــي خبر پيئي ته هو ميهار آهي، تڏهن ٿي ظاهر ڪري:

هن ٻر سيم هاڪ، سٽي سنياسن جي،
محبتي مهار جي، چڙن چورئا چاڪ .
انهين جي اوطاق، وڃڻ واجب مون پئو.

سهڻيءَ کي ميهار وٽان ڪو به سنيهو ڪونه آيل هو، نه ته هوءَ سسئيءَ جيان، ائين نه ٿي چوي ته

اديون! آئــون اجاڻ، مون سڱ سڃاڻي نه ڪئو.

سسئيءَ جي اندر ۾ پنهل لاءِ گمان پيدا ٿئي ٿو، انهيءَ ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته سسئيءَ پنهونءَ ڪاڻ سـر قربــان ڪيو، ليڪن اعليٰ درجي واري عاشق جي اندر ۾ معشوق لاءِ ڪڏهن به شڪ اچڻ نه گهرجي. سهڻيءَ ڪڏهن بـــ ميهار لاءِ ائين نـــ چيو. سسئي ڪليو ڪلا ٻو تي ظاهر ڪري ته

جاڻي سڃاڻي، منکي ڇڏي هلئا.

”سر سسئي آبري“ ۾ پڻ هوءَ چوي ٿي:

پرڏيهي پرين ڪئا، مرڻ لاءِ مونهين.

”سر ديسي“ ۾ پڻ سرلين کي سسئي اها دانهن ٿي ڏئي:

متان ڪا، ٻڙي! ٻول ٻاروچي، وسهي.

سسئيءَ ۾ اهو هڪ عيب آهي جنهن کان سهڻي ڇڙل آهي. سسئيءَ کي خبر هئي ته حڪومت جي پرواه نه ڪري، پنهونءَ کئي ڪيئن قبوليو. ڪنهن لاءِ؟ سندس خاطر. ان پنهونءَ جي سچائيءَ ۾ گمان آڻڻ سسئيءَ جي شان وٽان ڪين هو. ائين ڪرڻ سان هن پنهنجيءَ ضعيفائيءَ جو اظهار ڪيو آهي. دل ۾ شڪ آڻڻ هڪ ڳالهه آهي، مگر ڏارين سان ان جو اظهار ڪرڻ ٻي. سسئي سرلين کي ٿي چوي:

پيئر آئون پوري، مون سڳ سچائي نه ڪئي.

پرينءَ جي گلا ٻين سان ڪرڻ سچي عاشق جو ڪم نه آهي. شاهه صاحب "سر ڪلياڻ" ۾ چوي ٿو:

سپريان جي سور جو، ماڻن ڏجي نه منجهو.

سهڻي وري ڏسو ته ميهار لاءِ ڇا ٿي چوي:

نه مون ناناڻيا ڪنڌر، نڪي ڏاڏاڻيا،

پرينءَ جي پار، مون سين وڌائي ور ٿيا.

سهڻيءَ دکن ۾ سک ڏٺا. هنکي معلوم هو ته جيسين ڏڌ ۾ ماندائي وجهي انکي زور سان ولوڙبو نه، تيسين منجهانئس مکڻ جي اميد رکڻ اجائي آهي. هيترو سهڻ بعد به هوءَ چوي ٿي:

مهجون سيڻيءَ آيل! ماءِ! من مراد ون پنيون.

اهو آهي سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جي دلين ۾ تفاوت. نـ

صرف ايترو، مگر سسئيءَ پنهنجن ڏکن لاءِ پنهونءَ کي ذميوار بڻائي ٿي. "سر سسئي آبري" ۾ چيو اٿس:

سنڌو سورن خط، ڏنم هوت هٿن سين.

هوت ڪيئن سور ڏيندو؟ پنهون ڪيئن چاهيندو ته سسئي ڏک ڏسي؟ شاهه صاحب "سر يمن ڪلياڻ" ۾ ٿو چوي

جيڪي ڏنائون، سو سر ڏيئي سهه جندڙا!
مَ چئو ڇنائون، ايءَ ٻڻ ٻُڌيو سڄڻين؟

سسئيءَ اهو خيال ڪين ڪيو ته

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

پريم جا سور به ڪڏهن سور ٿيا آهن! سمجهو ڪٿي ته پنهل ٿي سسئيءَ کي سور ڏوکيا، ته به سسئيءَ کي اهو وسارڻ نه گهربو هو ته

جي هٿان هوت مرن، هوس لئين جي هدم ۾.

سهڻيءَ اهو راز سمجهيو هو. هوءَ پليي پلائي به ميهار کي نه ٿي چوي ته تو مونکي ڏک ڏنا آهن. عشق ڪرڻ معنيٰ ڏکن کي دعوت ڏيڻ؛ "سسي ڏار ڏري، پڇج پوءِ پريتڙون": اهو آهي شاهه جو ڪلام ۽ هو ائين ئي ٻڌائي ٿو ته:

١- سوري سڏ ڪري، اِي عاشقن کي.
٢- سوري آهه سينگار، اڳهين عاشقن جو.

٣- عاشق زهر پياڪ، وهه پسڻو وهسن گهڻون،
ڪڙي ۽ قاتل جا هميشه هيراڪ،
لڳين لنؤ ۽ لطيف چي، فدا ڪڻا فراق،
توڙي چڪن چاڪ، لب آه نه سلن عام ڪي.

سهڻيءَ ان جي پيروي ڪئي. هن عام اڳيان ڏکن جو اظهار نه ڪيو. هن پروڙيو ته دل ڏيڻ انهن جو ڪم، جيڪي ڏيئي نه هٽن دم. سهڻيءَ جـو نينهن هـو نهائينءَ جو نينهن.

سسئي اُنن کي ڏوراپا ڏئي ٿي ته ٿرهين منهنجو پنهون پچائي ويا. "سر ديسي" ۾ چوي ٿي:

اڳــــ اُٺ رڙن، مون پيري ماٺ ٿيي،
ٻلا ٻيندي، پاڻ ۾، ڪچهو ڪين ڪنن؛
ڪاڄا ماڻ منن، هن پڻ هٿي هن سهن.

هوءَ جبل کي پڻ چوي ٿي:

ڏنگر! تون ڏايو، ڏايا! ڏاڍايون ڪرين،
مون لن اندر ليءَ وهين، جن وڻ ويڌي وايو.

سسئيءَ لاءِ شاهه پڻ چوي ٿو:

ڏکي ڏيهاڙي، مٺي مٺي هٿڙا،
لـڪ پر نه ڪاڙي، جـڪ پر جبي، جيڏيون!

مٺي ٿي هت هٺي سياپو ڪرڻ دل جي هلڪائيءَ جو

اظھار ڪرڻو آھي. انھن سٽن مان شاعر پڌرو ٿو ڪري تہ سھڻيءَ جو درجو سسئيءَ کان گھڻو مٿي آھي.

سھڻيءَ کي بہ تہ سسئيءَ جھڙيون ئي مشڪلاتون پيش آيون ھيون. سسئي ھڪ پيرو پنھونءَ کي ڳولڻ نڪتي، پر سھڻي تہ ھرڪنھن رات، ساوڻ ھجي يا سيارو، اونداھي رات ھجي يا سھائي، مينھن ۽ واچ جو خيال نہ ڪري، ھڪ دلي جي آڌار لـــئي ميھار کي ملڻ ويندي ھئي. انھيءَ طرح ھن کي ھر روز موت ڪـــي منھن ڏيڻو پوندو ھو. جيڪي سسئيءَ ھڪ پيرو ڪيو، سو سھڻيءَ کي سوين پيرا ڪرڻـــو پيو. ڪنن ھن ڪـــي تنگ ڪيو، درياھ جي دھشت ھن جـــي مانديءَ دل ۾ ڏڏڪو پيدا ڪيو، سھڻي نيت بہ تہ اڻ تارو ھئي. تہ بہ ھرءَ ڪڏھن درياھ يـــا ڪنن کي ڏوراپا نہ ٿي ڏئي. انھن جو ڪھڙو قصور؟ انھن تہ سھڻيءَ کي ڪونہ چيو تہ ميھار سان عشق ڪر. سور تہ نينھن جي سوغات آھن. "عشق نہ آھي راند، تہ ڪي ڪنس ڳيرو." ميھار، سھڻيءَ جا پڌڻ وقت سڏ پڏي، درياھ کي برابر چوي ٿو:

تون ڪنءَ پوڙي سوھڻي؟ بيلي! مھجي بانھہ،
درياھ! تون دانھہ، ڏيندس ڏيہہ قيام جي.

مگر سھڻي قسمت ۾ وشواس رکندڙ آھي:

نہ ڪاني نہ ڪانءِ، نڪو ڏوهہ قلم جو،
انگ اڳيئي لکئو، جت نہ رسي ٻانءِ،
ڪہ ڪي ڏيان دانءِ؟ قضا قلم وهائيو.

ٻيا تہ ٺهيو پر ڏم لاءِ پڻ، جو روز کيس جهليندو هو، سهڻي کجهہ بہ ڪهت وڌ نہ ٿي چوي؛ ۽ جڏهن وقت گهڙو پڇيس ٿو، تڏهن وقت گهڙي ڪي پٽي نہ ٿي لہ آون مرنکي ٻرڙين ٿو، مگر ازخود زبان مان نڪريس ٿو تہ

گهڙو پڳر ڌ، گهور ڙو، پاڻا هر حجاب،
واڄت وڄي وُجود ۾، رهيو روح رباب،
ساهڙ ۽ صواب، آئون گهٽو ئي گهورئان.

سهڻي نہ هيڪاري گڏ گڏ ٿي ڏئي؛ کيس خوش ٿيڻ جو هرڪو سبب هو. هن محسوس ڪيو تہ گهڙي جي مدد سان هو ۽ راتہ جو وقتي محبوب جو وصال ماڻي سگهي ٿي ، پر ڏينهن سارو جدائيءَ ۾ جلڻو ٿي پيس. ليڪن موتہ جي گوڏ ۾ دائما وصال ماڻڻ جــو وجهہ ماندس. اهڙ جيئڻ ئي گهورئو جو محبوب جو وڇوڙو ٻسائي. سهڻي سياءَ جي گنڀير ۽ ڳوري آهي. سسئيءَ ۾ دل جي اونهائي نظر نہ ٿي اچي. هوءَ سانيڻ نــــ سڪي آهي. ”سر ڪوهياري“ ۾ سسئي چوي ٿي:

حقيقت هن حال جي ، جي ظاهر ڪريان ڏري،
لڳي مانڊ مرون ڪي ، ڏ نگو پون ڏري ،
وڃن وڻ ٻري ، اوڙ اڀري ڪين ڪين.

پنھنجي ڏک جو پاڻ اندازو لڳائي ٻين کي ٻڌائڻ سور ن ۽ سورمين جو ڪم نہ آھي. محبوب جي ميلاپ لاءِ ماندو ٿي ٻاڏائڻ ۽ دل کولي پڪارون ڪرڻ تہ عاشقن جو ڪم آھي. سھڻي پڻ، سسئيءَ جيان، ٻانديءَ سان ميھار جي محبت جو حال اوري ٿي ۽ شاعر ٻڌائي ٿو تہ:

وَڃين سين وڃني، سور وياڇي سھڻي،
آن ڪا ٿي ڏڃني، ميھن جي مھار سان؟

مگر اھو شاعر ٿو ٻڌائي. شاھہ پاڻ سسئيءَ تي قياس آڻي سندس مشڪلاتن جو ورنن ڪري، پر پنھنجن دکن جو پاڻ بيان ڪرڻ نہ ٿو نھي. سھڻي سور ۽ سختيون صبر سان سھي وڃيٿي ۽ ٻاھر ٻڙڪ بہ نہ ٿي ٻولي. مگر سسئي ڏوريءَ ٿي تڪليف پر اچي دانھون ڪرڻ شروع ڪريٿي. 'سر ڪوھياري' ۾ ھوءَ ظاھر ٿي ڪري:

ڏونگر! مون نہ ڏڪوءِ، آن اڳ ڏکوئي آھيان،
سار يان ڪون سڪوءِ، سور گھڻيئي سنيران.

پر سھڻي خاموش آھي. شاعر مٿس قياس ڪائي درياھ کي پتي ٿو:

واھڙ وھين م ڇال! سڪي ٻيلائيون ٽيين!
پسان لھجي پيٽ پر، لاٿام لوڪ ليار،
جنہ لو سپ جمار، آسائتيون ٻرڙ ٻون.

سھڻيءَ جي سورن جو بيان شاھ ٿو ڪري. درياھ جي

هيٺيانءَ ڏانهن وڃڻ ٺهريو هو. صبح جو ڪيس
نه ڏيکاريهون ڪونهي. اڌ رات جو هن کي پائر
ئي ٻه پالي ئيءَ ٽوڙي عرصي ۾ هو ڪو گهڻو مفاصلو
جهلي، ويا هوندا ۽ جيڪڏهن سسئي ڪنهن
ڏسو! ميڊ گهوڙي تي سوار ٿي وڃي ها، نه شايد
ٻال کي ڏڏ جي سگهي ها. پيرن مان جتيءَ
رو رسع ڪاڻ هئي ۽ دل جي صداقت جو
جسم کي ايذائن ڏيڻ مان ڪين ٽوٽئي.
ٿيءَ جي ابتر ڪيو. سهڻي چوي ٿي:

نه ٽور، نه وت ڪا، آهم من مهار،
سيڙي اٿيان، سنجهي ڪري سنگار،
! لهڄو پار، پسان مان پر ڪهم.

جهور نه سندس جسم سندس نه هو، مگر
هن ڪڏهن به سينگار ڪرڻ نه ڇڏيو. ڇو
سين ميهار جيئرو هو، تيسين ڪيس هار سينگار
رڪو حق هو. ميهار سهڻيءَ جو نه پنار به
هوءَ آخر تائين ڏم وت رهي. لنهن هوندي
وقت جڏهن ڏم نند ۾ هوندو هو، لڏهن
ينگارڻي ٻريتم کي ملڻ لاءِ اُسهندي هئي.

ٻنهونءَ جي آڪائي شاهه جي وڏي ۾ وڏي
۽ جنهن شوق ۽ باريڪيءَ سان هن سسئيءَ

شاھ صاحب ۾ عورتون پيش ڪرڻ چاھيون ٿي، جن مان ھڪ محبوب جي جدائيءَ جو سور دل ۾ لڳي وڃي ٿي، ليڪن ٻي ڪانگ جي جدائي نه سھي، وار چوڙي، پير اگھاڙا ڪري، روڄ پٽڪو شروع ڪري ٿي. ”سر حسيني“ ۾ سسئي پاڻ ئي چوي:

ڪلي قانو ڪنجرو، مٿو اگھاڙو،
پيرو! ڪھاڙو، مھجو ھن پيرو ۾؟

”سر معذوري“ ۾ وري ٻڌائي ٿي:

وينديءَ ڏاھ پرين، جتي جاءِ نه پائيان.

اھو ياد رکڻ گھرجي ته سسئيءَ کي خبر ھئي ته پنھون ڪاڏي ويو آھي. پاڻ ٿي چوي ته ڏيرن ڏاڍائي ڪري ڪاٺس پنھون کسي، ساٿس ڏوھ ڪيو: بھتر ائين ھو ته ھوءَ ترسي ڏسي ھا ته پنھون پاڻھين لڳي واپس وري ٿو يا نه؟ پنھونءَ جي سچائيءَ جي ڪيس پڪ ھئڻ گھربي ھئي. عشق برابر انڌو آھي ۽ آدميءَ کان ھوش کسي وٺي ٿو، پر سسئي اُبھري ۾ حد ھئي. سندس عزيزن جي ساڻس ھر طرح ھمدردي ھئي. اھڙيءَ حالت ۾ ھرڪو مائٽ ڌيءَ جي دل وندرائيندو. ڇو نه ڪو عزيز ساڻ وٺي نڪري ھا؟ پند وڃڻ جو ڪھڙو ضرور ھو؟ اُٺ يا گھوڙي تي نڪري وڃي سگھي ھا ۽ ٻين طرفن ۾ وڃڻ جي ضرورت ڪانه ھئي ۽ ڪيس سڌو

ڪيچ مڪران ڏانهن وڃڻ گهربو هو. صبح جو ڪيس معلوم ٿيو تہ پنهون ڪونهي. اڌ رات جو هن کي پائر پڇائي ويا. الهيءَ ٿوري عرصي ۾ هو ڪو گهڻو مفاصلو ڪونہ ڪري ويا هوندا ۽ جيڪڏهن سسئي ڪنهن همدرد سان گڏ گهوڙي تي سوار ٿي وڃي ها، تہ شايد رستي ۾ ئي پنهل کي ڏڏجي سگهي ها. پيرن مان جتيءَ لاهڻ جي ضرورت ڪانہ هئي ۽ دل جي صداقت جو اظهار هر ڀرو جسم کي ايذائن ڏيڻ مان ڪين ٿو ٿئي. سهڻيءَ سسئيءَ جي اُبتر ڪيو. سهڻي چوي ٿي:

گهور، نہ ڦور، نہ وت ڪا، آهم من مهار،
ان اوسيڙي اٿيان، سنجهي ڪري سنگار،
پرين! تهجو پار، پسان مان پر ڪهر.

سهڻيءَ سمجهو تہ سندس جسم سندس نہ هو، مگر ميهار جو ۽ هن ڪڏهن بہ سينگار ڪرڻ نہ ڇڏيو. ڇو ڇڏي؟ جيسين ميهار جيئرو هو، تيسين ڪيس هار سينگار ڪرڻ جو هرڪو حق هو. ميهار، سهڻيءَ جو تہ پيتار بہ ڪونہ هو: هوءَ آخر تائين ڏم وت رهي. لنهن هوندي بہ رات جي وقت جڏهن ڏم ننڊ ۾ هوندو هو، لڏهن هوءَ پارڻ سينگاري پريتم کي ملڻ لاءِ اُسهندي هئي.

سسئي پنهونءَ جي آکاڻي شاهہ جي وڏي ۾ وڏي ڪرتا آهي ۽ جنهن شوق ۽ باريڪيءَ سان هن سسئيءَ

جي دلي جذبن جو نقش چٽيو آهي، اهڙو ٻيءَ ڪنهن ۾ سورميءَ جو نہ ڪڍيو اٿس. جڏهن شاهہ ڪيچ مڪران ۾ سسئيءَ جي پريم جي آڪاڻي ٻڌي، تڏهن سندس روح ريلو ڏنو ٿو ڏسجي. سسئيءَ ڏانهن سندس دل چڪي ڏني. هن ڏنو تہ جيئن پاڻ عشق ۾ نراس ٿي ملڪ ولِيو، تيئن سسئي پڻ پنڪي. ٻنهي ساڳيا ملڪ ڏٺا. سسئي جڻ تہ شاهہ پاڻ آهي. آهن سڀئي سورميون شاهہ جا جدا جدا روپ، پر سسئيءَ جي ٻنهون لاءِ پريم ۾ شاهہ پنهنجي پريم جو عڪس ڏٺو. سسئيءَ جون پڪارون بيشڪ دل چيريندڙ آهن. اهي شاهہ جي جوانيءَ واري دل جي تصوير آهن. سسئيءَ جي بيتن پڙهندي ائين پيو معلوم ٿئي تہ سسئي ڪانہ ٿي رڙي، پر شاعر جي دل ٿي دانهون ڪري. ڪوتا جي رس ڪري سسئي شاهہ جي ٻين سورمين کان ڪسر آهي. هينئين سٽن ۾ جو سوز ۽ شاعرائي رواني نظر ايندي سا ٻين سرن ۾ اڻ لڀ آهي:

١- ڏنگرا! ڏوراپو؛ ٻهرو چنديس پري کي؛
ٻهڻ پير پٿون ڪٽا، ٽريون چٽيون لسو،
رحم نہ پيءُ رح ٻہ، قدر مهجو ڪو،
واڪو ڪنديس: ”وو! مون سين جبل تو جاڙون ڪري.“

٢- ڏنگر! ڏکوين کي، دلاسا ڏجن،
گهڻو نه پڇجي تن کي، جن وٽان هوت وڃن،
تون ڪنءَ سندا تن، ڀڻ! ڀير ڏکوئيين.

اهڙن بيتن پڙهندي دل ۾ خيال پيو اُٿن ٿئي ته سسئي به شاعر هئي ڇا؟

سهڻي ايترو ڪونه ٿي ڳالهائي جيترو سسئي. ”سر سهڻي“ ۾ ڪهاڻيءَ جو گهڻو حصو شاهه پاڻ ڳائي ٿو، ليڪن سسئي پنهونءَ جي آکاڻي سسئي پاڻ ٿي بيان ڪري ۽ اهو قدرتي آهي ته جڏهن آدمي پنهنجن سورن جو پاڻ ذڪر ڪندو آهي ته اهو وڌيڪ دل ڇهائيندڙ ٿيندو آهي.

# ليلا ۽ مومل

ليلا ۽ مومل ٻئي راجائي ڪُلن مان آهن. سسئيءَ ڌوتا ڪپڙا، نه سهڻيءَ ڪنڀارڻ وڪيا مٽيءَ جا ٿانوَ؛ ليڪن ليلا ۽ مومل نه ورلي پلنگ تان پير هيٺ لاٿو. هڪ هئي چنيسر جي پٽ راڻي، نه ٻي راجا نند جي نياڻي، جنهن جو همير سومري جي وزير ۽ سالي، راڻي مينڌري، سان نينهن جو ناتو ٿيو. سندن چاڪريءَ لاءِ هردم ٻانهيون داسيون حاضر هيون. سسئيءَ پاڻ کي سڏيو پنهونءَ جي ناڙ، مگر ناڙ جهڙيون نه ڪئين نوڪرياڻيون مومل جي خدمت ۾ هيون. ليلا پنهنجيءَ اوچيءَ پدويءَ جو بيان ڪندي چوي ٿي:

وڏيري هياس، چنيسر جي راڄ ۾
ڍولين، دماميون، نفريون، ٿي ٻلپل ٻچيپاس.

مومل ۽ سندس ڀينرن جي راجائي هلت جو نقش شاهه پاڻ چٽيو آهي:

١- سون ورنيون سوڍيون، رهي راندين ڪن،
اگر اوطاقن ۾، ڪٺوريون ڪٽن،
اوليائون عبير جا، مٿي طاق ٺڙن.

٢- جهڙا پانن پن، لهڙيون سالون مٿن سائيون،
عطر ۽ عبير سين، ڪاڙا ڪيائون ڪن،
مڙهئا گهڻون منشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سنهن ربي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن.

ليلا ۽ مومل جي سيرتن مان شاهه صاحب ڏيکاري ٿو ته جيڪي انسان ڀوڳي ٿو، سو ئي هو لڻي ٿو. هنن جي سيرت اُي هنن جي قسمت آهي. هنن ٻنهي برابر ڪجهه عرصي لاءِ ڏهاڳ جا ڏک ڏٺا، پر اهي سڀ سندن خطائن جو نتيجو هوا. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان، هي ٻئي جڏيون پڻ ڪانڌن جي وصال لاءِ ٻاڏائين ٿيون ۽ مگر سندن پڪارن ۾ ايترو تاثير ڪونهي. سهڻيءَ ۽ سسئي جي دردناڪ داستانن پڙهندي جو سوز دل ۾ پيدا ٿئي ٿو ۽ جو رحم جو جزو پڙهندڙن جي اندر ۾ اُڀري ٿو، سو "سر ليلا چنيسر" ۽ "سر مومل راڻو" جي اڀياس مان نه ٿو ٿئي. سهڻيءَ خواه سسئيءَ جي سورن جو سبب سندن صداقت هئي. ڏٺي پنهنجن پيارن کي دکن جي ڪسوٽيءَ ۾ وجهي سندن ڀرڪ لهندو آهي. گنهگارن جون پڪارون پڙهندڙن جي دلين کي ايترو نه ڇڪائينديون. ليلا ۽ مومل جا لڙڪ پڇتاءَ جا لڙڪ آهن ۽ پڇتاءَ جي ڳوڙهن سان هو پنهنجن گناهن جو داغ ڌوئڻ چاهين ٿيون.

جنهن ۾ گهڙجي انسان پورو روپ اختيار ڪري ٿــو.
ليلا پاڻ چري ٿي

هيس هندورن ۾، پيم ڪاڏ پروڙ.

هڪ مکيه ڳالهه جنهن اسان جو ڌيان لهڻو سا هيءَ آهي ته عام طرح جي ليلا ۽ مومل واريون آکاڻيون ٻڌڻ ۾ اينديون آهن، تن جون رتائون شاهه جي ”سر ليلا چنيسر“ ۽ ”سر مومل راڻو“ کان ٻئي نموني جون آهن. اهي اصل دکن انت آهن، ليکن شاهه کين سکر انت بڻايو. شاهه صاحب جا آکاڻي ٻڌي هئي، تنهن ۾ ڄاڻايل آهي ته جڏهن چنيسر ليلا کي دل تان لاهي ڇڏيو ۽ ڪونروءَ جو قرب ڏسي، مٿس موهت ٿي، ساڻس آنند جا ڏينهن گذارڻ لڳو، تڏهن ليلا، ڏهاڳ جا ڏکــ سهندي، پيڪي گهر موٽي ويئي. پوءِ ڏيکاريل آهي ته ڪيئن جکري جي معرفت ؛ جو ليلا جي ڪٽنب مان ڪنهن ڇوڪريءَ سان مڱيل هو، چنيسر کي ليلا جي وطن آندو ويو، جتي ليلا، گهونگهٽ پهري، پنهنجي ناز نخري ۽ ناچ سان چنيسر کي اهڙو ته موهي ورتو، جو هن کيس گهونگهٽ کڻڻ لاءِ ليلايو؛ ۽ گهونگهٽ واريءَ نار ۾ پنهنجيءَ اڳينءَ پٽ راڻي، ليلا، کي سامهون ڏسي، سندس روح اهڙو ته رباو ڏنو، جو اليئي پران ڏنائين. مگر ”سر ليلا چنيسر“ ۾ شاهه ڏيکاري ٿو ته ليلا پنهنجي وطن موٽي ڪين ويئي، پر اليئي رهي؛ ۽

ايتريون منٿون ۽ آزيون ڪيائين، جو چنيسر آخر ۾ سندس سچائي ڏسي، ڪيس وري جيءَ ۾ جاءِ ڏني. ليلا چنيسر کي ڪيئن هٿ ڪيو؟ عام آکاڻيءَ ۾ ڄاڻايل آهي ته ناچ ڳائي ۽ ناز نخري سان. مگر شاهه خيال ڪيو ته ڏسجي ته ناز ڪري ته ليلا چنيسر وڃايو؛ ليلا جو نخرو ۽ چلولائي هئي جنهن ڪيس سهاڳ جي سيج تان ڪيرائي ڏهاڳ جا ڏک ڏيکاريا. سو ڪيئن اِن ساڳي نخري سان هوءَ چنيسر هٿ ڪندي؟ اها عقل جي ڳالهه نه ٿي لڳي. شاهه کي آکاڻيءَ ۾ پڇتاءَ جو درجو ڏيکارڻو هو، جنهن ڪري ليلا جي ملڪ موٽي وڃڻ وارو واقعو صفا ڪڍي ڇڏيو اٿس. شاهه ڪو رواجي شاعر ڪين هو. هر ڪنهن اعليٰ درجي واري شاعر جيان هو نڪته چين پڻ هو. پنهنجي شعر جو هو پاڻ نڪته چيني ٿي ٻڌائي ٿو:

جي تو بيت ڀانئين، سي آيتون آهين،
نئو من لائين، پريان سندي پار ڏي.

هر ڪنهن اعليٰ شاعر جا بيت آيتون ٿين ٿيون. شاهه کي خبر هئي ته مان ڇا ٿو لکان ۽ جيڪي لکان ٿو، ان ۾ ڪهڙا راز رکيل آهن. اهين برابر آهي ته شاهه جڏهن وجد ۾ ايندو هو، تڏهن اچي شعر ۾ پلٽبو هو. مگر ان بيروني بي سرتائيءَ اندر دروني بيداري موجود هئي، جنهن سندس ڪلام کي الهامي آواز بڻايو ٿي. جيڪڏهن

چنيسر ھڪ اڻ واقف ڇوڪريءَ جي ناچ لئي مستانو ٿي ھرک ھاريو، ته اھو چنيسر جي سيرت ۾ ھڪ وڏو عيب ليکبو. شاھہ اھو بہ پنھنجيءَ رتا مان ڪڍي ڇڏيو آھي.

شاھہ جي ليلا جو درجو عام آکاڻيءَ واريءَ ليلا کان صدبار مٿي آھي. شاھہ جي ليلا ۾ دل جي سچائي آھي. چنيسر ٻنا ھنجو جيڏو جنجال ھو ۽ جيڪڏھن چنيسر کي ويڇڙائڻو ھوس ته اھو ڪم سندس چنيسر جي در تي رھڻ مان ممڪن ھو ۽ نه وطن مومل ڏي وڃڻ مان. ٻيو ته جيڪڏھن جکرو ليلا جي ڪنٺ مان مگيل نه ھجي ھا، جو اتفاق جو نتيجو ھو، ته ليلا ڪيئن چنيسر کي ملي ھا؟ عام آکاڻيءَ واري ليلا جڏھن پيڪين وڃي ٿي، تڏھن کيس اھا ڄاڻ ڪانھي ته جکري جي معرفت چنيسر ھٿ ڪنديس ۽ ھوءَ ته دل ٻاي وڃي ويھي رھي. اھو بيپرواھيءَ جو اظھار آھي، جو شاھہ جي ليلا ۾ نظر نه ايندو. ھار تي ھرکجي ليلا ٻاڻ کي اڳيرُ ٿي سرڻين ۾ مھڻي ھاب ڪرايو ھو. شاعر چري ٿو:

أڇو اڇو، اڳلي، ڇڻي ليلا کي اوڪ،
اندر اوپالن سين، ساڙي ڪيائنس سوڪ،
ٻانا پڻ جو ٻوڪ، ونو ويچاريءَ وسري.

۽ وري جي لاغرض ٿي پيڪي ھلي وڃي ھا، ته ڪنھن جي بہ رڳہ ڏانھس ڇڪي نه ڏني ھا. ھن لاءِ اھو ضروري

هو نہ چنيسر جي چاهت نہ ڇڏي. شاهہ جي ليلا مٺي تي موهجي، چنيسر برابر وڪيو، مگر ساڳي وقت چنيسر سندس دل جو راجا ٿي رهيو؛ هن بنا هڪ پلڪ گهارڻ بہ سندس لاءِ محال هئي. پوءِ هن سمجهيو ٿي تہ "هار ڪنديس هوڏ ۾، نينهن ٺيندم نت"؛ پر پوءِ جڏهن وقت ڏٺائين تہ هار ڪي همت لاهڻ معنيٰ چنيسر جي جدائيءَ ۾ جلڻ، تنهن وقت ڪيس چيائين:

مٺيون وجهان مچ ۾، هائي هڻان هار.

شاهہ جي ليلا لاءِ يا هو چنيسر يا موت. پوءِ ڀيڪين ڇو وڃي؟ عام آکاڻيءَ وارا ڪي واقعا ڪڍي، شاهہ پنهنجيءَ ليلا کي اوچو درجو عطا ڪيو آهي. شاهہ هنڪي پنهنجن خيالن جو عڪس بڻائڻ ٿي چاهيو. شاهہ جي ليلا ۾ عقلي عنصر آهي. شاهہ سمجهو تہ هيڙيءَ خطا کان پوءِ ليلا جو وري چنيسر اڳيان ناز ڪرڻ بي عقلي ٿيندي. هتي هو پڇتاءَ جو احتياج. شاهہ جي ليلا ۾ صبر آهي، سهڻ شڪتي آهي، چنيسر جي چڱائيءَ ۾ ايمان ۽ اميد اٿس. اهو آسرو ٿي آهي جنهن جي آڌار تي هوءَ چنيسر جي اڱڻ مان ٻاهر نہ ٿي وڃي؛ ڪيس چوي ٿي:

جي مون موڙهي مت، تہ تون پاڻ سڃاڻج سهرين!

مگر اهي ڳڻ عام آکاڻيءَ واريءَ ليلا ۾ نظر نہ ايندا. شاهہ جي آکاڻين جون رناڻون من گهڙت ڪين آهن؛

سڀ ٻڌايون ڪهاڻين لي ٻدل آهن، ليڪن اُڌاري ورتل لوه کي پنهنجيءَ شخصيت جو پارس لڳائي سون ڪيو اٿس. جڳهه جي سونهن ۽ زينت لاءِ جس جو حقدار رازو لي ٿئي ٿو ۽ نه اهو جنهن سرون ڀڄايون يا گارو ناهيو.

جڏهن ليلا چنيسر جي ڀڄاڙي هرڪ هلاس واري آهي ۽ سورمو ۽ سورمي مان ٿا، تڏهن "سر مومل راڻو" پڻ آهي. راڻي جو اوچتو موت ۽ مومل جو چڪيا تي چڙهڻ وارا واقعا شاهه رتا مان ڪيڍي ڇڏيا آهن. مومل ڪي پڻ ليلا جيان، ڀڄاڙيءَ جي بيتن ۾ شاهه دلاسو ٿو ڏئي ته آجيان لاءِ تياري ڪر، راڻو ٿو اچيئي. جهڙيءَ طرح ليلا پڇتاءُ ڪري هارايل بازي کٽي، تهڙيءَ طرح مومل پڻ، راڻي کي آزي نيزاري ڪري، سندس وڇايل پيار کٽيو، ۽ ٻنهي ڪهاڻين ۾ انهن ڪرڻ سان ئي شاهه پنهنجي مراد حاصل ڪري سگهيو آهي. جيڪڏهن شاهه جي مومل نا اميد ٿي پاڻ کي چڪيا تي جلائي ها، ته اهو مطلب نڪري ها ته ڏڻي تعاليٰ وٽ سچي پڇتاءُ جو قدر ڪونهي. شاهه کي ڏيکارڻو هو ته جيتوڻيڪ خدا ريساڻو آهي، ته به "سڄڻ ٻاجهندڙ گهڻو ن". پڇتاءُ اها سوني چابي آهي جا سچ کند جي محلات جو دروازو کولي ٿي. شاهه صاحب ٻڌرو ڪري ڏيکاريو آهي ته سچي توبهه ڏڻيءَ کي آدميءَ ۽ سندس گناهن جي وچم آڻي ٿي.

عام آکاڻين جيان شاعر ڪٿي بہ ليلا ۽ مومل جي موت جو ذڪر نہ ٿو ڪري. "سر سھڻي" غمگين پڄاڙي واري آکاڻي آھي ۽ شاھ ڪليل لفظن ۾ ٻڌائي ٿو تہ سھڻي درياھ ۾ ٻڏي مئي:

ڪاندي ڪنگ ٿئاس، وھڻ جنازو سوھڻي،
ٻگا جي ٻيٽن جا، ڪلا لن ڏناس،
اکين ملڪ ڏناس، ٿوءِ من ڪاڻو مھار ڏي.

سسئيءَ جي موت جو سڌيءَ طرح نہ ٿو ٻڌائي، مگر چوي ٿو:

منڪر ۽ نڪير ڪي، جڏھن ڏنائين
اڳيان اُتي ان ڪي، پنھو پڇائين.

انھيءَ جو مطلب تہ سسئيءَ جو موت پنھونءَ کي ملڻ کان اڳ ٿيو، جو ملائڪن کان گم ٿيل پنھل جو وٿي پڇي. سورٺ جي باري ۾ پڻ شاعر چوي ٿو تہ:

سورٺ مئي، سک ٿيو، خيما ھنيا ڪنگھار.

مگر "سر ليلا چنيسر" ۽ "سر مومل راڻو" جا ٽي پڇھي سک انت ٻڌايا اٿس. اھو قدم جو شاھ صاحب کنيو آھي سو، منھنجي خيال ۾، ليلا ۽ مومل جي سيرتن کي مڪمل ڪرڻ ۽ ادبي اصول جي پيروي ڪرڻ لاءِ. سورمي ۽ سورميءَ جو موت اھڙو تہ مکيہ واقعو آھي

جو مصنف ان کي نظر انداز ڪري نه ٿو سگهي. ائين برابر آهي ته شاه صاحب سڄي آکاڻي نه ٿو ڏئي، پر انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته جيڪي وٽيو اٿس سو چڱي ڏنو اٿس. هن کي ادبي مقصد کي نظر ۾ رکڻو ٿي پيو. مان ان رائي جو آهيان ته شاه اهڙ قدم ان ڪري کنيو جئن ادبي غراض تمثيلي مرادون حاصل ٿي سگهن.

ليلا جهڙيءَ چلولي ۽ هاڪي سياءَ واريءَ عورت ۾ پڇتاءَ جي ذريعي شاهه صاحب ڪيترو نه ڦيرو آندو آهي! هنڄي سيرت نگاري ڪهاڻيءَ جي منڍ کان پڇاڙي تائين ساڳي نه آهي؛ آخر ۾ ليلا جي سيرت ۾ جا تبديل اچي ٿي، سا هن کي ڳوري ۽ گنڀير بڻائي ٿي؛ جا ڪهاڻيءَ جي رٿا ۾ ڪنهن وقت هڪ ڦلڙهي طبيعت واري عورت هئي، تنهنجي مکه مان شاهه ڪهڙا نه قيمتي ٻول چوارائي ٿو:

الا! ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏکه ڏسن،
مون سين مون پرين، پورائي ۾ پال ڪيا.

پهرين جڏهن ليلا کي معلوم ٿئي ٿو ته چنيسر ڪونروءَ کي پنهنجي پت رائي ڪير آهي ۽ ڪيس من جـي مندر مان نيڪالـي ڏني اٿس، تڏهن سمورو ڏوهه چنيسر تي مڙهي ٿي؛ پنهنجيءَ خطا کي نظر انداز ڪري، ڪانڌ جي سچائيءَ ۾ شڪ ٿي آڻي:

چنيسر جي چت ۾، ڪين جو اڳ هُئو،
تهان پوءِ اُئو، مٽيي لئي تي مامرو.

مگر پڇاڙيءَ ۾ اها ساڳي ليلا آهي جا سمجهه ۾ اچي پروڙي ٿي تہ ڏوراپن مان نہ ورندو، هٿ ۽ وڏائي ڇڏي، هو ءَ ڪليءَ دل سان پشيمانيءَ جو اظهار ڪري ٿي:

ڍولا! ڍيل م مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان،
سڪ لهڻي سپرين! پيري وڃ پس پون،
مون ور لڌهين تون، تون ور! وهون ڪيتريون.

ساڳي نوع ۾ مومل پڻ راڻي کي منٿ ٿي ڪري:

ميان ميندرا! موٽ! بخش ڪر ٻچائيون،
تون گهڻن جو گهوٽ، مون ور تونهين هيڪڙو.

مومل ۽ ليلا جيان سهڻيءَ ۽ سسئيءَ پڻ محبوبن کي سڏيو، ليڪن مومل ۽ ليلا محلن ۾ ويهي پڪاريو، تہ سسئيءَ، گهر ڇڏي، جهر جهنگ رلي، پنهونءَ کي ۽ سهڻيءَ لهرن جي لوڏن ۾ لڏندي ميهار کي ڪوٺيو. ليلا پوڪي ڪاله ويٺي ۽ چنيسر جي محل ۾ رهي، ڪيس آري نيزاري ڪيائين ۽ مومل جي دانهن جو بيان جيڪو شاهہ ڪري ٿو تنهن مان پڌرو آهي تہ هن ڪاڪ اندر رهي، راڻي جي راهہ نهاري. مومل چوي ٿي:

١- ڏيا ليل ڦاڪيل جاءِ ٻاريم تائين ٻانگ.

٢- وت سوريندي وُلها! ـ وئو ليل ٻري،
موت مسافر سورڻ! چانگي لي چڙهي،
راڻي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي

ليل ۽ ڦاڪيل جا ڏيا جاءِ جي اندر ٻاريا هوندائين، رستن لي ڪٽي ڪونہ نڪتي هوندي. ٻئي هنڌ وري مومل چوي ٿي:

رئان تي راڻا! هنڌ نهارئو حجرا،
پيئي ڪہ ڪٿن تي، ٿئا پلنگ پراڻا
ڏرہائي ڏوڙا ٿئا، وَر رءِ وهاڻا،
جاپون، گل، جباب، وڃ تو رءِ ڪوماڻا.

جنهن ڪمري ۾ هوءَ راڻي سان رهي، جنهن پلنگ تي ميندري سان ليٽي، جنهن وهاڻي تي ساڻس گڏ ڪنڌ رکيائين، جن ڪاڪ جي باغيچن ۾ سوڍي سان سير ڪيائين، تن ۾ جا تبديل آئي آهي، تنجو مومل ذڪر ڪري، ظاهر ٿي ڪري، تہ هن راڻي لاءِ ڪاڪ ۾ رهي رنو. جيتوڻيڪ ائين آهي تہ مومل راڻي جي بنيان سندس وطن ڪين ويئي، تہ بہ هنجي جدائي ۾ چين ڪين آيس. محل ۾ رهي، پر محل هن لاءِ مثام مثل هو. دل جي آرزو ظاهر ڪندي ٻڌائي ٿي:

۱- ڪاڪ ڪڙهي، وڻ جلئا، جلي مهجي جان؛

۲- راڻي راڏا راڄ ۾، مون نه گهرجي مال؛

۳- پس تو شڪون، لڪيا، سيئي وهائا،
پسئو هند، ٻيئي هيڙن جي حبيبن هائا،
هڪ ڏنگا ڏاڏائا، ٻئو مونئو تان نه ميندڙو.

مومل جي انهن لفظن مان ظاهر آهي ته راڻي جو اڪي اڪي مومل وٽ اچڻ ۽ مومل جو راڻي جي وڇوڙي ۾ بيقرار ٿيڻ مومل جي عزيزن کي پسند ڪين هو. "هڪ ڏنگا ڏاڏائا" مان پڌرو آهي ته مومل کي مائٽن جي مرضيءَ خلاف راڻي سان نينهن جو ناتو نباهڻو پيو. هن واقعي کي حفيظ شاعر اوڙ نموني ۾ پيش ڪيو آهي. هن جيڪا مومل راڻي جي آکاڻي نظم ۾ ڏني آهي، تنهن ۾ ڏيکاريل آهي ته مومل جي مائٽن کي سنڌن ڏيءَ جو راڻي سان رستو نه وڻيو، سو انهن سومل کي چيو ته اهڙي ڪا ڪيڏ ڪيڙ جو مومل ۽ راڻي جو نالو ٽٽي:

"سومل مومل ڏي مڪي ڪري مصلحت ماءُ
ته پنج لهه وڃي پيرا جي حقيقت حالاءُ
ڪنهن اهڃاڻي آءُ، راڻي کي رد ڪري."

سومل چا ڪيو جو راڻي جي اچڻ وقت مڙساڻو لباس پهري، مومل کي ڀاڪر پائي سمهي پيئي:

سا سومل هلي سنجري گڏجي گما ناءِ،
مڏهه مومل کي نه ڀيو سنڌو سهر سماءِ،
سا ستي سيج مٿاءِ اڇي پاڪر پائي پيرڻ سان.

ڪاڪ جي ٻاهران سومل وري هڪ ميهار کي ٻيهاري ڇڏيو ته جڏهن راڻو مومل کي ملڻ لاءِ اچي، تڏهن هن کي ڪا جڙتو ڳالهه ٻڌائي، جنهن ڪري مومل کان منهن ڦيرائي. راڻي کي اهو ميهار مليو ۽ چيائينس "اي راڻا! تون انهيءَ مومل وٽ ٿو وڃين جنهن جي سينگار سان پاراڻي آهي؟" "مومل راجا نند جي، سينگار جنهن جو يار." انهيءَ طعني راڻي کي ڪاوڙائي ڇڏيو ۽ جنهن محل ۾ اچي ڏٺائين ته مومل ڪنهن ڌاريءَ شخص سان ٻڪ پائي سمهي پيئي هئي، تنهن ٻڌل ڳالهه جي پڪ ٿيس، ۽ مومل کي اتي سارڻ ٻنا واپس ويو. حفيظ ٻڌائي ٿو ته جڏهن مومل کي راڻي جي رسڻ جي سڌ پيئي، ۽ کيس ليلا ئڻ لڳي:

"تڏهن مير ۾ مومل ڏي مڪر چنڊو چوائي،
نه آيس تو انجام ٿي آءٌ پئي اُتائي،
ستي پيئي هئين‌ءَ سينگار سان پيچ وڌا پائي."

مومل راڻي کي وراڻيءَ ۾ چيو:

"ستي هيس سومل سان وير ٻئي ويس،
سڙيءَ کو سهر ڪيو ولهيءَ کو ويتر،

جاڳيس نه جاڙ ڪري طرح انهيءَ ليتر،
وهڻ مون واجب هو تون اڇين ها جيتر.“

مومل جي انهن سٽن مان ثابت آهي ته سومل کيس سمهيل ڏسي، ٻنا هن کي ڇتائڻ جي، وڃي ساڻس سمهي مگر شاهه جي آڪاڻيءَ ۾ مومل جي سمرت ٻيءَ طرح پيش ٿيل آهي. شاهه جي مومل، سومل کي ڇيو هو ته مردانا ڪپڙا پائي اچي مون سان سمهه، جئن ته راڻي ان دفعي اچڻ ۾ ويرم ڪئي هئي؛ ۽ چاڪاڻ ته مومل جڙلو راڻو ٺهرائي دل پوري ڪئي، راڻو مٿس غصي ٿيو؛ ۽ شاهه ثابت ڪري ڏيکاريو ته مومل پنهنجي ڏوهه ڪري ٿي سنو. مگر حفيظ جي مومل کا خطا ڪانه ڪئي هئي جو سنائين. هنکي ته جڙلو راڻي جو خيال به دل ۾ ڪونه آيو. سومل ماءُ جي زور ڀرڻ تي وڃي مومل کي ٻک وجهي سمهي. ٻيو ته عجب جي ڳالهه اها آهي ته حفيظ جي مومل کي اهڙي گهري ننڊ اچي ويئي هئي جو سومل مردانا وستر اوڍي کيس پاڪر اچي پالو، ته به سندس اک نه کلي. راڻي جي اچڻ جي انتظار ۾ ته ننڊ اچڻ ٿي ڪانه ڪمندي هيس؛ پر جي اک لڳي ويس ته اها کلڻ کمندي هيس، جڏهن سومل کيس پاڪر اچي وڌو. ٻيچين آدميءَ کي ننا ڪٿڪي کيئن آرام ايندو! شاهه اهو اڻ ٿيڻو واقعو ڪڏي ڏيکاريو ته مومل جي ڇوڙ تي ٿي سومل ساڻس وڃي

سمهي هئي ۽ انهن ڪري سان ئي شاهه ادبي انصاف جي اصول جي پيروي ڪري سگهيو.

ليلا ۽ مومل جي وچ ۾ هڪ تفاوت هي آهي تہ ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي ۽ دائما سندس صحبت ۾ رهندي هئي، مگر راڻو مومل وٽ ڪڏهن ڪڏهن وڃي وڃي ايندو هو، ڇاڪاڻ جو هو اڳ ئي پرڻيل هو. نہ صرف اهترو، مگر ليلا کي جڏهن چنيسر دليون لاهي ڇڏيو، تڏهن چنيسر وٽ رهي ڪيس منٿون ميڙون ڪيائين؛ ليڪن مومل جو راڻو تہ رسي وڃي پنهنجي ماڳ ويٺو. شاهه صاحب ڄاڻي ٻجهي مومل کي راڻي جي پٺيان نہ موڪليو. هو هڪ اعليٰ درجي وارو شاعر هو، ۽ مٿي سورمين کان محبوبن جي جدائيءَ ۾ ورلاپ ڪرائيندا هئس؛ هن ڏنو تہ جي مومل بہ، سسئيءَ جيان، محبوب جي وطن ويندي، تہ رستي ۾ اهيئي جبل جهنگ ۽ مرون ڏسندي جي سسئيءَ ڏٺا هئا. جنهن ڪري ساڳي نموني جي مضمون کي جدا نوع ۾ پيش ڪرڻ لاءِ مومل کي ڪاڪ ۾ وهاري ڪانئس قرب جون ڪوڪون ڪرايائين. مومل جي پاڻ نئي وڃي تہ راڻي کي چوائي موڪلي ٿي:

ميڙ مڙهان ٿي، ميندڙ را! تو در ليلا هي.

۽ سرلين کي عرض ٿي ڪري:

ڏور وڃئو، ڏيہ لائي، ڪا سوڍل کي سمجهائي،

چماءِ مدهہ، ماڙيون، اوڏاهين اڏائي،
ڪا سوڍل کي سمجهائي.

پڙهندڙ چوندو تہ سو مومل راڻي جي سڀني داستان ۾ مومل چوي ٿي:

لونيس لڏاڻي، پسو جو پريان ري،
جيڏيون! جيهاڻي ڪئي، راڻہ رسي راڻي،
هلبو هاڻي، ويرا! ڪاڪ وہ ٿيي.

مومل کي، راڻي جي پرپٺ، ڪاڪ مان ڪوبہ مزو ڪونہ ٿي آيو، سو ڪڪ ٿي چوي ٿي تہ هينئر ضرور لڏاڻي ڏانهن هلڻو پوندو، مگر سندس وڃڻ جو شاعر ڪوبہ احوال نٿو ڏئي. مومل جو لڏاڻي طرف وڃڻ اڪاڻيءَ جي واٽ ۾ هڪ اهم واقعو آهي ۽ شاعر انهو ضرور بيان ڪري ها. دڪدائڪ واقعن جو شعر ۾ بيان ڪرڻ جو لـــ شاهہ شوقين هو، سو ههڙو واقعو ڪيئن نظرانداز ڪندو!

مومل ۽ ليلا جون سيرلون جاچيون تہ مومل ٿيندو تہ مومل، ليلا جيان، راڻي ۾ ڪوبہ گمان نہ ٿي آڻي ۽ هڪدم پنهنجي خطا محسوس ڪريٿي. ليلا جيان مومل کي بہ سرليون شرمسار ڪن ٿيون. مومل چوي ٿي:

سئم ساهيڙين جاءِ طعنا توهين لاءِ.

راڻو جو مومل کي سومل سان، مرداني ويس ۾، سمهيل ڏسي، ڪيس اڻارڻ بناءِ سندس پاسي ۾ پنهنجو لڪڻ

نشاني طور وکي، واپس هيرو ڏيو، تنهن مومل جي اندر ۾ ڪڏهن به راڻي جي سچائي ۾ شڪ نه پيدا ڪيو. مومل کي اها سڌ نه ضرور هوندي ته راڻو پرڻيل هو، پر ڪڏهن به اهو خيال ڪونه آيس ته مٿان سندس زال منع ڪئي هجيس ۽ هيءَ وجهه ونئي رسي ويو آهي. هوءَ پاڻ مان ئي ٿي ڏوهه ڪڍي:

ڪين ساڱا هيم، سهڻا! جاڙون ڪيم جال.
سوڍا! منکي ڪال، موٽي مه ۾ آئيون.

مومل ته راڻي جي شڪرگذار آهي جنهن سائنس پريم ڪري کيس نوازيو. آڪاڻيءَ جي رتا ۾ آهي ته هڪ جوڳيءَ جي واتان مومل جي حسن جي هاڪ ٻڌي راڻي جي دل ٿي ته مومل کي ملان ۽ سائين کي چيائين

هلو، هلو ڪاڪ تڙين، جتي نينهن اُجل.

راڻي ئي مومل جي سونهن جو جيڪو اثر ٿيو، تنهن شاهه چوي ٿو

لدو ڻٿا لڏي ٿئا، وتن منجهه وصال،
اڄ اُڙو اکين، ڪاڪ پيغاتون ڪال،
ويٺي ويچارن وسري، صباح جي سنڀال،
جانب جي جمال، رڳي، بس! رهتو ڪٿاهه.

مومل کي اها ڄاڻ هئي ته راڻو سندس لاءِ ڪيترو نه منتظر هو جو پنهنجي زال جي پرواهه نه ڪري به سندس نينهن جي محتاجي ڪڍڻ لڳو. ته به جڏهن راڻي سان

مدهان منهن تي، تڏهن پاڻ به دل جهلي نه سگهي ۽ چيائين

گجر گهٽا گهاٽيا، پاڻ لڳس گهاءُ.

۽ جنهن وقت راڻو رسي هليو ويس، تنهن وقت هنکي ڏوهه ڏيڻ بدران کيس ساراهڻ لڳي

ٻولي ٻه ڪي آهيان، هيس اگهاڙي اڳه،

جوڙي وڇا جڳه، ڪڪر ڪيائم ڪاڪ جو.

مومل ائين تي سمجهي ته راڻو جيڪڏهن غصي وچان کيس قتل ڪري وڃي ها، ته به هن کي واجب هو. پر هن پاڻ روڪي، صبر کان ڪم ورتو. راڻي مومل کي ڪهل سان ڪيو:

سوڍا صبر لهجي، ماڙهو ڪي مومل،

ڪهڙ مدجها ڪل، پيمر، پراڻ! لهجي.

اهي اکر راجا نند جي نياڻيءَ جا آهن. سسئي پڻ پنهونءَ لاءِ ائين چوي ٿي

سڌ ر سين سگ ڪري، ٻر کنڊين پيياس،

ڪير برهمڻ؟ ڪن جي؟ ڪير جاٽي ڪيٽاس؟

هند نه سند سياس، هن پرين ڪيس پڌ ري.

جٽن سسئيءَ کي سسئي پنهونءَ جي پيار ڪيو، تٽن ميندري جي محبت ئي مومل کي مومل بڻايو. مومل به نسل جو فخر هو، حسن جو ناز هو:

مومل کي مجاز جاءِ اکن ۾ انبور

هن ته فقط پيسي ميڙڻ لاءِ ڪاڪ وارو طلسمي نڪتو اڏيو. هن سمجهيو ٿي ته ڪوبه آدمي ونس پهچي ڪين سگهندو ۽ نانوَ جهڙيون حرفتي پانهيون هندکي منجهائي ڇڏينديون. انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته ڪنواري مومل هڪ هلڪي طبيعت واري ڇوڪري هئي، جنهن ۾ سچي عشق کان وڌيڪ ظاهري ناز نخرو هو. هوءَ پنهنجي ماڻي ۽ نينهن جي نيشن سان آسائش جو اندر جلائيندي هئي. اها ساڳي مومل ڏسو ته ڪيئن قربي وئي. مومل ۽ ليلا ۾ اهو تفاوت آهي جو شاهه صاحب مومل جي ڪنوارپ جي حياتيءَ جو بيان پڻ ڪري ٿو. ڪنواري هوندي ڇوڪريءَ ۾ جيڪو ناعاقبت انديشي جو شوق هئي ٿو سو پرڻي بعد گهٽجي ٿو. سهڻيءَ ته اصل سينگار نه ڇڏيو. ميهار وٽ هر ڪنهن رات سينگار ڪري ويندي هئي؛ مگر چونڊ لفظن ۾ شاهه مومل جي سونهن ۽ مجاز جو جيڪو ذڪر ڪيو آهي، سو ٻيءَ ڪنهن به سورميءَ جو نه ڪيو اٿس. مومل ٿي آهي جا ڪنواري آهي. ٻيون سڀ پرڻيل يا مڱيل آهن.

مومل جي سيرت سان شاهه ليلا جي سيرت کان وڌيڪ محنت ڪئي ٿي ڏسجي. سهڻي ميهار جي سونهن جو بيان ڪري ٿي ته سڀئي پنهونءَ جي حسن جو. مگر سندن حسن جو ذڪر شاعر ڪئي به نه ٿو ڪري. مومل ٿي آهي جنهن

ڪيڏ ڪيائين؟ مومل راڻي جي سياڻپ ني موهت ڪانه ٿي، پر هن جي حسن ٿي. جنهن سهڻي ۽ سسڻي محبوان جي ساراهه ڪن ٿيون، تنهن شاهه راڻي جي خوبصورت ڇهري جو ذڪر ڪيترن ئي بيتن ۾ ڪري ٿو:

١- روءِ راڻي جي ناهه ڪوه، سوڍا ٻيا نه سجان.

انهيءَ سٽ مان ظاهر آهي ته راڻو سياڻپ ۽ عقل ڪري اهڙو ڪشش ڪندڙ نه هو جهڙو حسن ڪري. هن مومل ڪيئن همت ڪئي؟

نسور ٻائي نيه جي، ڪسيائين ڪمان.

مومل پاڻ پڻ چوي ٿي

سوڍا! تو ڳر ساهه، نات راڻا گهٽا راڄ ۾.

مومل کي صرف راڻي جي سهڻي صورت ياد هئي ۽ هوءَ ڪا راڻي جي وزيريءَ ني موهت ڪانه ٿي ۽ پاڻ به راجا جي ڌيءَ هئي ۽ راڻي جي سياڻپ هن تي ڪو اثر ڪونه ڪيو.

هتي اهو ياد رکڻ گهرجي ته راڻي لاءِ چوڻ ۾ ايندو آهي ته هو ڪاڻو هو، مگر شاهه کيس هڪ خوبصورت جوان ٻڌايو. جنهن مومل جهڙي نازنين جي دل کي چوکنيو قابو ڪيو. راڻي ڪاڻي لاءِ شاهه چوي ٿو

روءِ راڻي جي ناهه ڪوه، سوڍو سهڻ سونهه.

مومل راڻي جو قصو جو لعلوءَ (عرف حفيظ) جو جوڙيل آهي ان ۾ شاعر هن واقعي ڏانهن اشارو ڪري ۽ پر شاهه ۽ حفيظ جي وچ ۾ ڪيڏو نه تفاوت آهي! حفيظ

# نوري

"هيري هٿ وڏائين، ويهي سائين وچ"

"سر ڪاموڏ" ۾ شاهه صاحب هڪ نامعلوم مهاڻيءَ کي سورمي بڻائي ڪيس دائمي زنده ڪيو. نوري شاهه جي سورمين جو نور آهي. نوريءَ دوارا شاهه پڙهندڙن اڳيان نياز جي تصوير پيش ڪئي. نوري هئي مهاڻي، هڪ مسڪين ڳوناڻي، مگر شاعر کي پراڻن ڪپڙن ۾ ڍڪيل جسم اندر هڪ بيبها دل نظر آئي ۽ انهيءَ دل جي ٽڪوڙي املهه روحاني خزاني سان ڀرپور ڏٺائين.

سيرت نگاريءَ جو هڪ طريقو جو افسانه نويس ڪم آڻي ٿو سو آهي مختلف طبيعتن جا اداڪار اهڙيءَ طرح پيش ڪرڻ، جو هڪڙن جا عيب ٻين جي اوچ اعمالن جي مقابلي ۾ اهڙو ته ظاهر ٿي بيهن جو پڙهندڙ سندن جدا جدا سيرتن جو اندازو لڳائي سگهي. نوريءَ جو سڀاءُ ليلا ۽ مومل جي سڀائن جي اُبتڙ آهي؛ جڏهن ٻنهي سورمين جي سيرتن جي ڀيٽ ڪجي ٿي، تڏهن معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي ليلا ۽ مومل ۾ نه هو، سو نوريءَ ۾ موجود هو. مومل ۽ ليلا جيئان نوري به نصيب واري هئي جو محبوب جي ميلاپ جو مزو ماڻيائين. ليلا چنيسر جي پٽ راڻي هئي، ته نوري جام تماچيءَ جي.

ليڪن نوري، ليلا جيان، آنند جي آغوش ۾ رهي ڦوڙيل ۾ نه پيري. ”مهائيءَ جي من ۾، نه گهرب، نه گساءَ.“ هڪ مهائيءَ کي لماڇيءَ جهڙو حاڪم پڌهڄيءَ دل ۾ جاءِ ڏئي، سو هن لاءِ بيشڪ فخر جو باعث هو. اهو قدرتي نيم آهي ته جڏهن آدميءَ لاءِ ڪو اعليٰ خوش قسمتيءَ جو موقعو بڻي ٿو، جو ڪيس ڪڏهن خواب خيال ۾ به نه آيو هجي، تڏهن هو ضرور ڦوڙيل ۾ پرجو وڃي. نوريءَ جي دل ۾ به نه اهو ويچار آيو هوندو ته سندس محبت جا تير سهي گهرائي جي حاڪم. ڪسي اهڙا نه گهائيندڙ لڳا، جو هن سندس نيچ ذات جي ڪا پرواهه نه ڪري، سائس شادي ڪئي. هرڪا نازنين جيڪر ان حالت ۾ پنهنجيءَ سونهن تي ناور ڪري، مگر نوريءَ ۾ اهو فخر نظر نه ٿو اچي. نوريءَ جي نيازمندي عجيب آهي:

نوريءَ جي نياز جو، عجب اجهل هوءِ،
سمون سر سپين ۾، مي مورچڻو سوءِ،
اڇڻو آيين پوءِ، حجت پڳي راڻيين

جنهن همت گهٽن کي هاڃي رسائي، تنهن ڪان پاسوڪري نوريءَ حليمائيءَ جو هار گلي ۾ پاتو. هن کي معلوم هو ته همت ئي آهي جنهن فرشتن کي سرمور عزازيل کي بهشت مان نيڪالي ڏياري؛ حليمائي آهي جا آدمين

کي فرشتن واري اوچ تي آڻي ڇڏي. مومل ۽ ليلا سهاڳ جي سيج تان ڌڪو کاڌو ۽ وڇوڙي ۾ ورلاپ ڪرڻ لڳيون، پر جو سهاڳ جو ڇٽ نوريءَ تي ڄام تماچيءَ ڌريو، سو هن کي آخر تائين نڀايو. ليلا ۽ مومل جي خوش قسمتي، سندن بدقسمتي ثابت ٿي، ليڪن نوريءَ کي سندس نصيب ڪکاين جهوپڙين مان ڪڍي محلات ۾ نيو ۽ هوءَ پڇاڙيءَ تائين اتي رهي. نوريءَ کي تماچيءَ جهڙي حاڪم جي راڻيءَ بڻجڻ ۾ وڏائي نه ڪانه ٿي، پر هر وقت اهوئي انديشو رهندو هوس ته متان اهڙو ڪم نه ڪريان جنهن ڪري ڄام ڪاوڙجي مونکي دل تان لاهي ڇڏي. هوءَ ڄام کي چوي ٿي:

تون سمون، آئون گندري، مون ۾ عيبن لک،
هن مهڙي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان منگر مٽيين.

"سر ڪاموڏ" شاهه جي سهڻي سرن کان، سواءِ سر گهاتو جي، ننڍو آهي. آکاڻيءَ ۾ ٻڌايل آهي ته ڪيئن ڄام سان نڪاح بعد نوري پاڻ کي اهائي نيچ ذات مهاڻي سمجهندي هئي. شاهه اهو پڻ ڏسي ٿو ته هڪ دفعي جڏهن سڀ سمڙيون ڄار سينگار ڪري تماچيءَ جي اچڻ لاءِ تيار ٿي ويٺيون هيون، تڏهن ڄام تماچيءَ، مڙني کي خيال ۾ نه آڻي، نوريءَ کي

ڪري گلي سان لاتو. نوري پٽ راڻي برابر هئي، ليڪن هن ۾ راڄائي ڏول ڪرڻ هو. ڀلا "گند جڏهي گوڏن ۾، مٽيءَ ۾ موڙيون"، سي ڇا ڄاڻنديون سينگار مان؟ هنجي اهائي چاهنا هوندي هئي ته مالڪ ڪري ته ڄماليءَ جي پلڪ لڄ پٽ سان رهجي اچي. نوري ڄام کي انهن ٽي لي چوي

لو لماڇي لڙ ڏٺي، آئون مهاڻي مي،
مون ڏهاڳ ۾ ڏي، آئون ڄا نالي سيس لهجي.

نوريءَ پروڙيو هو ته جيڪي نياز ۾ آهي سو ناز ۾ ڪيهي. هن ڄاتو ته

ڪاند ڪوڙي جو نه وٺي، سمن پتين سنگار،
وهم لهي ونجهار، دليون پرکي داسڙو.

راڄائي رنگ محل ۾ رهي به "ککي هاٺيون ڪاريون، ڇڇي هاٺا ڇڄ" ياد ڪرڻ، اوچن رنگين هندورن ۾ لڏندي، پراڻن پکن ۽ ڪهين ڪکاين جهوپڙين وارا ڏينهن سارڻ، نرم بسترن تي ليٽندي، سخت ۽ کهرا لڏا سنڀارڻ، رپي سان رانديون ڪندي ۽ لعلون لٽيندي، گدڙيل سقيم حالت اکين اڳيان آڻڻ، روح رچندڙ طعامن کائيندي، ککين وارن ڪاڇن جون يادگيريون دل ۾ ذڙڻ، راڻي ٿي ڪري به مهاڻين وارين بانسي ڄاريون ۽ مڇين واريون ڪاريون خيال ۾ رکڻ، سکي جيوت

ماٿينديون به دکن وارو سمو نہ وسارڻ، سهاڳہ جي سيجہ پرينديون يہ انگلن آرن کان پري رهڻ، بي عيب هونديون بہ پاڻ کي عيبدار مڃڻ ۽ هميشہ شرم وچان ڪنڌ هيٺ ڪري هلڻ اعليٰ هستيون جو لڇڻ آهي. نوريءَ جي سيرت مان شاهہ ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ جيڪي انسان سکن ۾ رهي بہ مرمائتا ٿين ٿا ۽ مٿاهين مرتبي تي هوندي بہ ڪنڌ هيٺ اڪن، سي لوچو ۽ پڇہ ڪونہ پسن. ليلا ۽ مومل کان نوريءَ جي پدوي اوچي انڪري آهي جو جا سمجهہ هنن ۾ وڇوڙي بعد آئي، سا نوريءَ کي وصال واري سمي ۾ئي هئي. نوري غريب هئي، هنجي دنيا هئي ڪنجهر پنڊي، مڇين جي ڪاري ۽ جاري. ليڪن قدرت جي صحبت مان جو هن سبق پرايو، تنهن سيکاريس تہ

”ڪانڌ ڪهين جو نہ وٽي گيرب ۽ گاءِ،
جي ٽڙي اورڙ پاءِ، تہ دوس دسائي داسڙو.

انهيءَ ڪري هوءَ خبردار رهي، اهو عقل نہ هو مومل ۾ نہ ليلا ۾. نوريءَ شاعر جي صلاح مڃي تہ

ڪٽ ڪنبندي آءُ، اڳيان لوڙيندڙ لکا اٿيئي،
اگهيئي تہ پاءِ، نہ تہ مڻ بہ موٽيو وڃن.

شاهہ نوريءَ جي سهاءَ ذريعي ڏيکاريو تہ جيڪو آدمي پاڻ کي نيچ تو سمجهي، سوئي سڀن کان اوچو آهي.

”آپس ۾ جو جاڳي نيچاءِ سوئي گنجي سپ تي اوچا.“
نوري مهاڻيءَ مان ڦري راڻي ٿي. شاهه ان درجي جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته نوري

نه وڏي، نه وڪڙي، نه ڪڙي ۾ ڪاري،
اهج، سهج، ساهميون، ڏرڻا نه ڏاري؛

مگر پاڻ کي هوءَ ڪڏهن راڻي نه ٿي ڪوٺي. جڏهن هن پاڻ کي نيچ ڪيو، تڏهن ته ڄام کيس اوچو ٻڌايو. شاهه ٻڌائي ٿو ته جيتوڻيڪ تماچيءَ کي نوريءَ لئي دائمي جيئرو ٻڌايو، ته به هوءَ پاڻ کي هميشه ”گندري“ ڪري سڏي ٿي.

ليلا ۽ مومل جيان نوري به حسين هئي. مهاڻي هئي، مگر ننڍڻ ۾ مٺيا هيس. شاعر سندس سونهن جو بيان ڪري ٿو ته

هٿين ڳيرايون، آرڪٽين، مڪ نه مهاڻي،
جن سڳو وچ سرندڙي، تن راڻن ۾ راڻي.

مگر سندن روز مره جي زندگيءَ ۾ ڪيڏو نه تفاوت هو! ليلا لاءِ شاهه چوي ٿو

سونا ڪر ڪنن ۾، ڳچي ڳاڙها هار،
ٻانهون ٻاهن ۾، سند سٺيا وار؛

۽ مومل جي ٻڌائي. شاهه نوري جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو ته

جهڙا! ڳل گلاب جا، تهڙا سڻن وس.

مگر نوريءَ جي حالت شاهه هيٺين سٽن ۾ ٻڌائي ٿو:

ڇاريون ، ڪاريون، ڇڄ ، ڇڙيون ،
جن جي محبت مڇي ساڻ،
رهن، و هن سر ٻانڌ يين، سيئي ٻدبوءِ هاڻ.

تماچي موهت ٿيو نوريءَ جي شڪل شبيهه تي ۽ ڪيس پنهنجي راڻي ڪرڻ جو ارادو ڪري، سندس مائٽن کان هن جو سڱ گهريو، جو هنن خوشيءَ سان قبول ڪيو ۽ نوريءَ جي حسن ڪيس راڻي بڻايو، مگر حليمائيءَ مٿس پٽ راڻيءَ جو چٽ ڏريو. حسن ۽ حليمائي مختلف خاصيتون آهن جي شاهه نوريءَ ۾ ڏيون آهن. سونهن ۽ مل ۾ هئي ته ليلا ۾ پڻ ۽ پر نوريءَ کي چاڙهيو سندس نمرتا، حسن واري آدميءَ کي حليمائي وڏيڪ حسين ڪري ٿي. نوريءَ جي ڪري ڄام تماچيءَ سندس ويجهن خواه ڏورانهن مائٽن سان به سهڄ ڪيا ۽ ڪين سوغاتون موڪليون. ائين ڪرڻ سان ڄام مهاڻن جو قدر نه ٿي ڪيو، ليڪن نوريءَ جو، جا تماچيءَ جهڙو حاڪم، جا مسڪين مهاڻا! شاهه ڏيکاري ٿو ته پنهنجي سر لڙهه جو نديو پرزو به پاڻيءَ ۾ ٻڏي ويندو، ليڪن ڪاٺ جي جهاز کي جو سوين ٻاري لوهي ٽڪر لڳل ٿين ٿا، سي جهاز کي نٿا ٻوڙين، پر وڃن ڪاٺ جي ڳنڍ سنڌ ۾ ڀاڻ به نٿا جوکي لڳن ٿا. اهڙو اوچو پد شاهه عطا ڪيو نمرتا کي.

# مارئي

مارئيءَ جي سيرت دواران شاهه حب الوطن جي بي نظير تصوير پيش ڪئي آهي. غريب ڳوٺاڻن جي اندر ۾ جو ساٺيهه لاءِ سيهه ۽ سچائيءَ جو مادو آهي، تنهنجو تخمينو شاعر مارئيءَ جي دل جهڙو نقش چٽي لڳايو آهي. مارئي ظاهر ڪري ڏيکاري ٿي ته سچائي هرو ڀرو دولتمندن جو ورثو ڪينهي. وطن لاءِ حب ۽ پاڪدامني مسڪينن ۾ پڻ لڀنديون. مارئيءَ ۾ شاهه عورتپڻي جو آدرش پيش ڪيو آهي. عصمت بنا عورت عورت نه ليکبي. زال جو ست سندس بي بها ڳهڻو آهي، جنهنجي سنڀال ڪرڻ سندس مکيه فرض آهي.

ٻين سرن جي ايپاس مان ڏسبو ته سورمين جي سيرت نگاريءَ سان گڏ ڪٿي سورمن جو پڻ ٿورو بيان شاهه ڏني ٿو، پر "سر مارئي" ۾ ته صرف مارئي پيش ٿي وسي. کيت سين ته ڳاٽائي ۾ ئي ڪرنهي.

مارئيءَ جي سيرت کي جو ڪن شاهه جي ايپاس ڪندڙن تمثيلي رنگ ڏنو آهي تنهن سان مان شامل راءِ نه آهيان. چاڪاڻ ته ڪن نظمي ڪهاڻين ۾ شاهه تمثيل رکي آهي، تنهن ڪري ائين سمجهڻ ته "سر مارئي" ۾ به ضرور ڪو اونهو راز رکيل هوندو، ٺيڪ نه آهي. شاهه صاحب جو مها ڪوي هو ته اعليٰ درجي وارو

آهي، نہ آدميءَ جو جسم عمر جو قيد. منهنجي خيال ۾ تہ انهن ٽن اڃي تہ مارئيءَ واريءَ تمثيل لي زور ڏيڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو نہ اها دل سان ٽي لڳي ۽ نہ اها مارئيءَ جي سيرت کي وڏيڪ وڻندڙ بڻائي ٿي. مارئيءَ جي ڪهاڻي تہ پنهنجي سر ئي دل پڄائيندڙ آهي. شعر ليسين شعر ئي سمجهجي، جيسين ڪ انجو ايپاس ثابت ڪري تہ اهو صرف شعر نہ آهي، پر ٻئي امشياي لڏڪرو.

مارئيءَ جي سيرت جي خصوصيت آهي سندس پتار لاءِ پرام. مارئيءَ جي ڪي پرام جو نقش شاهہ ڪهڙو نہ دلڙيب ۽ داسوز چٽيو آهي! مارن جي جدائي مارئيءَ کي اي چٽن ڪري ڇڏيو. سندن يادگيريءَ ۾ هن کان کاڌو پيتو ۽ هار سينگار وسري ويو. مارن لاءِ هوءَ چوي ٿي:

چرن، چڪن چمڪ ۾، سدا منجهہ سريو،

عمر جڏهن مارئيءَ کي ڏتارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳو ۽ کيس مصريءَ ۽ کهري اونيءَ لاهڻ لاءِ چيائين، تڏهن تي مارئي وراڻيس،

١- پٽولا پهنوارين، مرو نہ مٽي ڪن،
جہ لاکہ رتائون لونيون، تہ سالنتا سونهن،
اَن ايلا چنگون اگري، بخمل بافتن،
سکر پائيان سوڙا! ڪتي کان کهنبن،

جا ڏنيم ڏاڏائن، سا لاهيندي اڄ مران.

۲- مون ماروءَ سين لڏيون، لوئيءَ ۾ لائون،
سڄڻ برابر سڳڙا، منکي پاھن پڏائون.

ماروئيءَ جي سيرت جي برابر ڪمت تڏھن ڪري سگھجي،
جڏهن ياد رکبو تہ جيتوڻيڪ مارن کيس آزاد ڪرائڻ
جي ڪا بہ ڪوشش ڪانہ ورتي، تہ بہ ھوءَ سموري وقت
کين سين جي سمت ۾ رھي ۽ عمر جي آخر تہ مڃيائين.
ان واقعي ڏانھن شاھ پنھنجي سورميءَ کان اشـــارو
ڪرائي ٿو. ماروئي چوي ٿي :

نہ ڪبر نہ خواب، تڪو اوئي آئيو،
ھتي جو ھتي ڪھين، ڏنو ڪونہ جواب.

ٻئي ھنڌ ھوءَ وري چوي ٿي :

جي ڪر لڏائون، تہ بندي‌ءَ بند نہ ساريو،
ماروئڙن آئون، جڪس ويس وسري.

ماروئيءَ جون ھيئيون سٽون، جن ۾ پڻ ساڳيءَ ڳـالھ
ڏي اشارو ڪري ٿي، ڪھڙي نہ سوز سان پريل آھن!
ويچاري دل چيري ٿي داتھن ڪري تہ

لنگڙيا ري لوءَ ۾، جنين لءِ تياس،
تنين ڙ جيترو، پلڪ نہ پڇيياس.

... ... ... ...

مارن منجھ مياس،
ناٽ ماڙين ماريس ڪين ڪين.

مارئيءَ کي جنهن چمتا وڌيڪ بي آرام بڻايو سا هئي مارن جي ڏانهنس بيپرواهي. هوءَ ڪليو ڪلايو چوي ٿي ته قيد جي ڪوٺين يا لوهي زنجيرن هن لي ڪوبه اثر ڪونه ڪيو، هنکي مدجهايو مارن جي ماٺ. جسماني بندن ۽ پابنديون سومري يا سومريءَ جي دل کي نه ٿيون لوڏين.

جئن وقت ويو گذرندو، لڳن هوءَ نه صرف وئي ڳرندي، پر چمڙيءَ ۾ پڻ ڪارانهڻ لڳي. بدن جي صفائي نه ڪبي، وار نه ڌوئبا، ته چمڙيءَ ۾ ضرور جهڪر ٿيو. شاعر بڌائي ٿو ته

١- ميندا ڌوءَ نه مارئي، نه ڪلي، نه ڪاءَ.

٢- اٽيا سٽيا نه ڪري، سونهن وڃايس سور.

مارئيءَ جي ستيا ۽ خود انڪاري لاجواب آهن. ڪيس اندر ۾ خيال ٿو اچي ته سونهن وڃائيندي ٿي وڃان، شايد ڪيمت سين مونکي نه قبولي:

سونهن وڃايم، سومرا! مارو مس مڃين.

اتي سونهن جو مطلب آهي بدن جي سونهن، ڇاڪاڻ ته سيرت جي سونهن ته قائم رکي هئائين، مائٽن وٽ ته ميرياٺي مان لهي ها، پر ڪيمت جو ڊپ ئي ئيس. پر لنهن هوندي به عمر وٽ رهڻ نه ئي قبولي ۽ ڪيس چوي ٿي

۱- آئون ڪنءِ سوڙيين سمهان، مون ور گهاري ول.
۲- ور اباڻن سمن اڄ! ڪوءِ شربت لهجي، سومرا!

مارئي انهن سان سچي رهي جي ساڻس بيوفا رهيا ۽ ڪيس وساري ڇڏيائون. مارئيءَ ڏيکاريو ته ڪانڌ کي ڏکن ۾ ڳهاريندو ڏسي، استري پاڻ ڪيئن سک پسند ڪندي! پتيءَ جي صحبت ۾ ڏک به سکن سمان آهن.

مارئيءَ جي سيرت دوران شاهه عورت جي اندر جو عجيب نقش چٽيو آهي. ميداس بادشاهه جيان شاهه به جنهن چيز کي هٿ لائو آهي، تنهنکي ننج سون ڪري ڇڏيو اٿس. مارئيءَ جي جذبن جي تصوير ڪڍڻ سان ته شاهه ڪمال ڪيو آهي ۽ پڙهندي واءِ مان از خود اٿين پيو نڪري ته خدا تعاليٰ عورت جي دل الائي ڪيئن جوڙي؟

مارئيءَ پنهنجن عملن ذريعي ثابت ڪيو ته غريبن جي دولت آهي سادگي ۽ دلي بهادري، اخلاق ۽ ايثار، خدا ۾ اعتقاد ۽ پاڻ ۾ ايمان. مارئي سچي سورمي آهي جا ڪوڙن سنساري سکن کان ونئن ويندڙ آهي. هوءَ اوچن وسترن جي تمنا نه ٿي رکي ۽ هنکي لوم بستري جي ڪا ضرورت رهي ٿي ۽ هنکي گهٽي جي گهرج ڪانهي ۽ هوءَ لوري تي ئي راضي ٿي رهي ۽ مسڪيني هنجو مٺيو آهي. مارئيءَ جو اخلاق ڪهڙو نه اوچو آهي!

اِي نه مارن ريت، جن سيڻ مٽائن سون لئي،
اڇي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙي سين نه مٽيان.

هن ڳوٺاڻي نينگر جي وطن لاءِ حب نه ڏسو:

١- واجهائي وطن کي ساڙي ڏيان ساهه،
بت منهنجو بند ۾، قيد ۾ ڪريجاهه،
پر ڏيهاڻي پريءَ ڏي، ڏار ۾ ڏريجاهه،
تڏي وسائجاهه ترن جي، مٿي مي مٽاهه،
جي پويون ٿئي پساهه، ته نجاهه مڙهه ملير ڏي.

٢- هيون منهجو هت تيو، هت مٿي ۽ ماهه،
پکن منجهه پساهه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

هنجي دلبري نه حيرت ۾ وجهندڙ آهي. عمر کي ڪهڙيءَ نه اي ڊپائيءَ سان ماروئي چوي ٿي،

جي لوڻ لڱن لائيين، چيري چيري چم،
مون ڪر اڳي نه ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوارسين.

انهن سٽن پڙهندي اهو به ياد رکڻ کپي ته مٽيان لفظ ماروئيءَ عمر جهڙي حاڪم کي چيا، جڏهن وٽ پاڻ بند پاٽي هئي. پر جنهن عورت کي عصمت جي زره پيل آهي، جنهن ڪڏهن به شيطان اڳيان ڪنڌ نه جهڪايو آهي، جنهنجو پاڻ لئي پورو ضابطو آهي تنهن

ڪان اعليٰ درجي واري آهي. شاهه کي اهو شانائتو نه لڳو ته مارئي، جا مائٽن جي سڪ ۾ رهي، جنهنکي گهڻو ڪيت سيڻ ڪوبه دلاسو يا پيغام ڪونه موڪليو تنهن ۾ سندس پتي گمان آڻي، ڪانئس ڪهڙي ڪُٺن آزمائش ورتي. "سُر مارئي" ۾ شاعر انيڪ دفعا سورميءَ جي پاڪدامني ڏانهن پڙهندڙن جو ڌيان ڇڪايو آهي. ڏهين داستان ۾ ڄاڻايل آهي ته عمر جي اينبد موڪليل لي، مارن هڪ قاصد مارئيءَ کي ملير ۾ وٺي اچڻ لاءِ موڪليو. ان قاصد جو ذڪر ڪندي، مارئي چوي ٿي

جو ڏيه ڏاڏاڻا آئيو، ڏنم ته طعنو:
"پائي ويه پلنگين، ڳچي سر ڳانو،
متا لڪ، لطيف چي، ڪانءِ م خزانو،
سرتين سيل چوائيو، جور هٽي جانو،
ٿيو سڌ سمانو، حرف هڻي همڪڙي."

قاصد جي هن طعني مارئيءَ جي دل کي چوٽ رسائي ۽ هن پنهنجيءَ ٻڌايل عصمت جو بيان ڪندي ڪيس چيو

"مون سين مارو ٺڙيون، ڪهڙي ريء رسنديون؟
چوٽي م چيڙ پٽو، پين رسه جيرون،
نيڻن نند وه ٿيي، ساري ساڏ وهيون،
هٽي جي هيون، له سڌ له پيهن سيل جي."

لنهيءَ کان پوءِ به مارئيءَ کي قتل لوهه هٿن ۾ کڻائي ڏيکاري ٿو ته مارن جو سندس قول لئي ويساهه ڪونه هو. اهو شاه کان سٺو نه ٿيو ۽ هو پنهنجيءَ سورميءَ کي اهڙي آزمايش مان نڪو لنگهارائي. شاهه جي مارئيءَ کي سندس مائٽ بنا ڪنهن به گمان جي قبول ڪن ٿا. هنن جو مارئيءَ ۾ پورو پورو اعتقاد هو. شاهه سمجهي سگهيو ٿي ته مارئيءَ کان جڏهن ڪيٺ سين مدڪور آزمايش جي گهر ڪئي هوندي، لڏهن سندس دل کي ڪهڙي نه سخت چوٽ رسي هوندي، خاص ڪري جڏهن ان قاصد، جنهن کي مارئيءَ پڌايو هو ته ڪيئن ڪانڌ جي جدائيءَ ۾ پاڻ بيچيديءَ جا ڏينهن ڪاٽيا هئائين، سپاويڪ طور ضرور ڪيٺ سين کي سموري حال کان واقف ڪيو هوندو. عام آڪاڻيءَ ۾ جا مارئيءَ سان بي انصافي ٿيل آهي، سا شاهه پنهنجيءَ سورميءَ سان ٿيڻ نه ٿو ڏئي. ڇا، اهو انصاف آهي ته جا زال پنهنجي پتار لاءِ هيترين سختيون هموار ڪري، لنهنجو پتار قدر نه ڪري، ڪيس ڏوهي ٺهرائي؟ شاهه ڏيکاري ٿو ته ڌارئي شخص جي قبضي ۾ هوندي به مارئيءَ جي دل نه لڏي، هوءَ اڏول رهي، هن جي محڪم ارادي کي عمر جون لالچون ۽ ڏڪا موڙي نه سگهيا. پاڻ ۾ ايمان سورمائي جو جوهر آهي ۽ جا پنهنجي محڪم ارادي جو اظهار ڪندي، چوي ٿي

جانڪين ستين سير، تان ڪين وهنديس ڪوٽ ۾،
سپ سمائين سونجهي، نديءَ پيي نه نير،
جن هوءَ اُبر آسري، تن ءَ مون من ملير.

تنهن کان ٽتل لوه ۾ هت وجهائڻ، شاهه کي واجب نه لڳو. آزمايش وارو واقعو نظر انداز ڪري شاه عام آکاڻيءَ تي شاندار سوپ پاتي آهي، جنهن دوران هن نه رڳو اهو ثابت ڪيو آهي ته طبع زاد طبيعت ۽ ادبي لياقت وارو مصنف پنهنجي ذهني ڪيميا سان اُداري ورتل آکاڻيءَ کي، اهڙي جهلڪ ڏئي تو جو پڙهندڙ اصلي آکاڻيءَ کي پلجي، سندس جوڙيل ڪهاڻي مطالع ڪندا ۽ سولي سمجهن ٿا، ته ماروئيءَ کي سچيءَ سورميءَ سڏائڻ جو حقدار بڻايو آهي. سچي سورمي يا سورميءَ کي دنيا به اهڙوئي سمجهي ٿي، دنيا هن کي عزت ڏئي ٿي، نه سندس ايمان ڪري ٿي. جيڪڏهن عام آکاڻيءَ جي ماروئيءَ جيان شاهه پنهنجي سورميءَ کان به اها آزمايش وٺي ها، ته اهو ماروئيءَ جي سونيءَ سيرت ۾ هڪ وڏو عيب ٿئي ها. اهو عيب ڪڍي شاهه پنهنجيءَ سورميءَ کي بي عيب بڻايو. شاهه جي ماروئي لوڙي جسماني طاقت جي لحاظ کان نبل ناري آهي، مگر هن جي دل بلوان آهي. سچائي ۽ پاڪيزگي سندس بل آهن.

# سورٺ

سورٺ سان شاهه انصاف نه ڪيو. ائين آهي ته جيتوڻيڪ آکاڻيءَ جا مکيه اداڪار ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ آهن، ته به سر کي سڏائين سورٺ جي نالي سان. تنهن هوندي به سورٺ سان اها محنت نه ڪئي اٿس جا ڪرڻ گهربي هئس. سهڻيءَ ۽ سسئيءَ جيان سورٺ جي آکاڻي به دک انت آهي. سورٺ ويچاري، سهاڳ جي صدقي، ستي ٿي. راءِ ڏياچ سندس غير حاضريءَ ۾ سر ڏيڻ جو انجام ڏيئي ويٺو. هاڻي سورٺ ڇا ڪري؟ پنهنجي سک کي ڪڙهي، ڪين پتيءَ جي وڇڙن جو خيال رکي؟ هوءَ ٻن ٻاهين ۾ هئي. جنهن ڪٽي ته جنهن ٻوڙو، پر ڪٽي ته پڙ ٻوڙو. خود انڪاريءَ جو جزو شاهه جي ٻين سورمين ۾ به آهي. ليلا ته سورمن ۾ سورمين جو ورثو آهي. مگر سورٺ جهڙو ليلا سسئيءَ به ڪونه ڪيو. سنو مارئيءَ پڻ، پر هنکي آخر ۾ حق پلئه پيو. سورٺ سور دل ۾ لڪي ويٺي ۽ راءِ ڏياچ کي انجام پاڙڻ کان نه روڪيائين. شاهه "سر سورٺ" ۾ ڪٿي به ڪونه تو ڏيکاري ته سورٺ راءِ ڏياچ کي سر ڏيڻ کان منع ڪئي. ليڪن ساڳي وقت سياويڪ طرح سورٺ ضرور ٻيجل اڳيان رحم لاءِ ٻاڏاڻ هوندو. شاهه دلين پرکڻ ۽ انهن جي بيان ڪرڻ ۾ قابل

آهي ۽ مگر سورٺ جي سرن جو ورنن ڪرڻ الائي ڪيئن وسريس؟ سورٺ لاءِ هو موقعو، راءِ ڏياچ راجپوت هو ۽ راجپوت پاڻ قربان ڪندا ليڪن واعدو نه ٽوڙيندا. ان حالت ۾ سورٺ لاءِ هڪ ئي وسيلو هو، ٻيجل کي باز آڻي سگهي ها، ته پتيءَ جي جيئري رهڻ جي اميد ٿئيس ها ۽ هنجي زنده رهڻ سان پاڻ به زنده رهي سگهي ها. دل ائي چوي ته سورٺ به ضرور ڪوڪون ڪيون هونديون. شاه سيدي سورمين جي دانهن جو دردناڪ نقش ڪڍيو آهي ۽ ليڪن سورٺ ييري الائي ڇا ٿيس؟ مڙس کي هٿن سان پنهنجو سر ڪپيندو ڏسي، زال جي دل ۾ ڪهڙي نه آنڌ مانڌ ئي هوندي! راءِ ڏياچ جو به ڪمال ڇٽبو جو راڳ جي رس ئي سر وڍي ڏنائين. پر شاباس سورٺ کي به آهي جنهن اکين سان اهو خوفناڪ واقعو ڏٺو. ويچاريءَ بيوسيڪائيءَ جي حالت ۾ سيڪو ڇيرپندڙ ورلاپ ڪيا هوندا. ”سر سورٺ“ وڏيڪ وٽندڙ ٿئي ها، جيڪڏهن شاه ان ۾ سورٺ جي دلي امنگن جو اظهار ڪري ها. سنڌيءَ طرح ته شاعر سورٺ جو ذڪر ئي نٿو ڪري ۽ نڪي وري سورٺ جي قتيل دل کي ئي ڪجهه جو وجهه ڏنو اٿس. سارو داستان عجيب عبارت سان سينگاريل آهي، پر سورٺ جي سيرت تي الائي ڇو پردو ڪيل آهي؟ شاه جي من لياليندڙ لفظن ۾ سورٺ

جي دلي سوز جو اظهار هن دردناڪ داستان کي ڏاڍو موثر ۽ مڪمل ڪري ٿو.

تمثيلي نقطۂ نگاه کان ڪن پڙهندڙن ورتي سورٺ سان حد بي انصافي ڪئي آهي جو سورٺ جي معنيٰ ڪئي اٿن نفس. مان ٿو پڇان ته سورٺ نفس ڪيئن ٿي؟ هن راءِ ڏياچ لاءِ ڪهڙي شيطاني جار پکيڙي هئي؟ هوءَ راءِ ڏياچ جي ارادي آڏو ڪين آئي. هن پتيءَ کي اقرار پاڙڻ کان نه پليو. نه ته شاهه ضرور انجو بيان ڪري ها. اُلٽندو جڏهن راءِ ڏياچ پنهنجو سر ويڙي ڏنو، تڏهن پاڻ به ستيءَ پنيان جيئري جلي. جي نفس هئي ته پاڻکي جيئري جلائڻ جو ڪهڙو ضرور هوس؟ ڪنهن ائين ڪرڻ لاءِ زور ته ڪونه ڪيو هوس. سورٺ سچي راجپوت استري ثابت ٿي، جا پتيءَ سان چکيا چڙهي. سورٺ جي قرباني نظرانداز ڪري، ڪيس نفس سان مشابهت ڏيڻ وڏي اد بي غلطي آهي. بيجل راءِ ڏياچ کي سڏي ٿو "سنهارا سورٺ ور" سورٺ هئي راءِ ڏياچ جي استري، پوءِ هوءَ نفس ڪيئن ٿي؟ شاهه جو اهو خيال هو ڇا ته هرڪا استري پنهنجي پتيءَ لاءِ نفس آهي؟ شاهه جي سورٺ جيڪڏهن اهڙي نيچ اداڪار هئي، ته پوءِ آڪاڻيءَ کي سندس نالي سان سڏي، پاڻ کيس اهڙي مشهوري ڪيئن ڏنائين؟ ڪي شايد چون ته سورٺ سر جو نالو

ته هنجي پسر ٿيڻ تي بيحد ٿهدل خوش ٿئي ها. شاهه صاحب جي نظر ۾ ته اهڙو ڪو به اشارو نه آهي جنهن مان سورٺ لاءِ گمان آئجي ته هوءَ هئي نفس.

باقي رهيو هي سوال ته جي سورٺ نفس نه آهي ته شاهه هنجي سيرت کي پنهنجي نظم ۾ ڇو نه چٽيو؟ انهي لاءِ منهنجو خيال هي آهي. شاهه جي جيون چرتر مان پڌرو آهي ته هنکي سرود سماع جو بيحد شوق هو، ۽ جن حالتن هيٺ وفات ڪيائين سي پڻ ڏيکارين ٿيون ته راڳ شاهه صاحب جي جان جو جياپو ۽ روح لاءِ راحت هو. مان سمجهان ٿو ته هندستان جي سفر ڪندي شاهه جڏهن بيجل ۽ راءِ ڏياچ واري آکاڻي ٻڌي، تڏهن سندس دل ۾ جذبو جاڳيو ته راءِ ڏياچ جي دل جو نقش شعر ۾ چٽيان، جنهن جهڙو مثال دنيا ۾ اڻ لڀ آهي. هيءَ هڪ سچي تاريخي حقيقت شاهه کي ملي. "سر سورٺ" ۾ هڪ راڳ جي عاشق ٻئي راڳ جي عاشق جي تصوير ڪڍي آهي. سماع شاهه کي پيارو هو ۽ هن آکاڻيءَ ۾ کيس وجهه مليو ته سماع جي طاقت جو بيان ڪري، جو سماع ديوتائن جو هنر ليکيو ويو آهي. شاهه جو "سر سورٺ" سماع اڳيان پيٽا آهي. هن آکاڻيءَ لي ڪنهن تمثيل جي انومان ڪرڻ جو ضرور ڪونه آهي. هتي شاهه راڳ جي روحاني برڪت جو بيان ڪيو آهي. تاريخي ڪتابن ۾ چاٿايل آهي ته

گذريل زماني ۾ راجائن جي درٻارن ۾ اڪثر راڳيندڙ هوندا هئا ۽ جڏهن به چارڻ بادشاهن جي ڪچهرين ۾ داخل ٿيندا هوا، تڏهن ڪين عزت ملندي هئي. هو ڪوٽي غريب هوندا هوا، تہ بہ راڳ، راجائن ڪي سخدن فيض جو محتاج بڻائيندو هو. "سر سورٺ" ان شاعر جو لکيل هو جنهنجي روحاني غذا راڳ، هو، راءِ ڏياچ جي قربانيءَ شاه ڪي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. سسئيءَ برابر سر ڏنو، سهڻيءَ جي قرباني بہ لاثاني آهي. پر راڳ لاءِ هٿن سان ڪنڌ ڪپي ڏيڻ تہ رڳو راءِ ڏياچ جو ڪم هو. راءِ ڏياچ جو محبوب هو ساز ۽ سماع. شاه کي هن آکاڻيءَ ۾ هڪ اهو مرد اداڪار هٿ آيو، جو هرطرح سورمي سڏجڻ جو لائق هو، ۽ مان سمجهان ٿو تہ راءِ ڏياچ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪندي، شاه صاحب سورٺ ڏي توجهہ نہ ڪيو، شايد انهي خيال کان تہ سورٺ جي سونهن جو بيان راءِ ڏياچ جي اهميت کي جهڪو ڪندو. وڌيڪ هيءُ بہ ممڪن آهي تہ ڪانڌ جي قرب ۾ استريءَ جي ورلاپن جو شاه، ڪن ٻين سرن ۾ چڱوئي وستار ڪيو آهي. مگر محض سماع جي صدقي سر ڏيڻ هڪ نئون مضمون هو. تنهنڪري پنهنجيءَ ڪولا الدر راءِ ڏياچ جي پڊوي پڌري ڪيائين ۽ ساڳي وقت سيل ستيا جي مورت، سورٺ، جي قربانيءَ ملهائڻ لاءِ پنهنجي نظم جو نالو ئي رکيائين "سر سورٺ"

# شاھ جو رسالو

## ڪلياڻ اڏواڻي ايم.اي

هن رسالي ۾ هر سُر اڳيان اُن جو مختصر احوال آهي. جنهن ۾ان جو مکيہ خيال ظاهري توڙي باطني درج ٿيل آهي. هر بيت جي سامهون اُن جي سمجهاڻي ڏني ويئي آهي. رسالي جي شروع ۾ شاهہ صاحب جي زندگي ۽ شعر تي مختصر روشني وڌي ويئي آهي.

سفيد ڪاغذ، آفسٽ ڇپائي ۽ عمدہ جلد بندي. قيمت =/60 روپيا

# رُوح رهاڻ

## مُصنّف، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي

هن ۾ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي رسالي مان هيٺين سُرن کي ڌار ڪري — ليلا ۽ چنيسر، مومل ۽ راڻو، عمر ۽ مارئي، نوري ۽ ڄام تماچي، سهڻي ۽ ميهار، سسئي ۽ پنهون، مورڙو مير بحر، سورٺ ۽ راءِ ڏياچ، ڪربلا جو قضيو — هن ڪتاب ۾ جمع ڪيو آهي.

هن قصن کي خالي آکاڻيون ۽ ڏند ڪٿائون ڪري نہ سمجهڻ گهرجي. منجهن وڏيون تمثيلون رکيل آهن، جن ۾ الاهي اسرار رکيل آهن.

قيمت: ڏهہ رُپيا